Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

يدمن: صاحب خان "سورهه" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

اکیلائیءَ جو آسمان

Scanned with CamScanner

اڪيلائيءَ جو آسمان

(شاعري)

soorihsindhiadab

ايوب کوسو

گلشن پبليڪيشن

حيدرآباد/لاڙڪاڻو 2008ع

Scanned with CamScanner

ڪتاب جو نالو:	اڪيلائيءَ جو آسمان
موضوع:	شاعري
شاعر:	ايوب کوسو
ڇاپو پهريون:	2004ع
ڇپائيندڙ:	گلشير بلوچ، گلشن پبليڪيشن، گهر نمبر HCB_1816 ممتاز ڪالوني، قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدرآباد ـ سنڌ موبائيل: 0333_5973488، 0322_3084955
ڇپيندڙ:	انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد
پيسٽنگ:	عبدالسلام پٽو
ٽائيٽل ڊزائين:	هارٽ لائين، رابعه اسڪوائر حيدرچوڪ حيدرآباد
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ:	عبدالڪريم سومرو ۽ ڪيوشو لال انٽيل ڪميونيڪيشنز 9 ـ ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ حيدرچوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد. فون: 2721172

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

AKELAEE JO AASMAN (Poetry)
Poet: Ayoub Khoso

Title Design: Hart Line, Rabia Squair Hyderchowk, Hyderabad.
Published by: Gulsher Baloch, Gulshan Publication, HCB_ 1816,
Mumtaz colony, Qazi Abdul Qayoom road, Hyderabad, Sindh.
Mob: 0322_3084955 ,0333_5973488
Compsing & Printing: Intel Communication, Rabi Chamber,
Hyderchowk, Hyderabad, Tel:0092_22_2721172
Book No.79

Scanned with CamScanner

ارپنا

- سنڌ جي درد جي نانءِ!
- عظيم شهيد مخدوم بلاول جي نانءِ،
- جنگين ۾ مارجي ويل، بيگناهه معصوم ٻارن جي نانءِ!

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

سٺاءُ

★ پبلشر پاران 9

★ شاعري ڪنواري دانهن هڻن گهرجي! (شاعر پاران) ايوب کوسو 10

★ مهڪار اٿڻ جي ڳالهہ هلي! (مهاڳ) تاج جويو 15

★ غزل 21

★ نظم

ڪو خاموشين ۾ ساهہ وجهو 64

ڪٿي هن درد کي رکجي! 66

توڏي رتو چاڻ اڇون ٿا! 68

وڃي هي ٻُڌايو! 70

ڊسمبر تو بنا ڪهڙو! 72

ڏٺين ڳالهہ ڪر تون...! 74

هينئين تي لاڙ ليٽي پيو! 76

نهوڙي ڇڏيو يادگيرين 77

وري اچ....! 78

هلو تہ رت جو ڪٽون پيرو! 79

ڪيٺن ڪٺي ڪا چادر ڪي!؟ 81

ٻڏين ٿي اڙي دل...! 82

اداڻون تون نہ ڇُھندين 84

هڪ پل جي لاءِ! 85

ننڊ پيل ڇوڪريءَ کي ياداشت نامو! 87

رهڳو ڇٽيو آ...! 89

يلا توکي خبر ڪهڙي! 91

سوال...! 93

ڏوهاري وڏو ڪير!؟ 95

يادن ۾ ڇٽي تنهائي آ! 97

گهرام مانا! 99

Scanned with CamScanner

تون رڳو محسوس ڪر!	100
سمجهه ۾ سو نٿو اچي!	102
ڪيئن اچان پلا؟	104
اُهو هينئون...!	106
سارا...!	108
دلدل جي راتين ۾!	110
تون ياد ڪيو آهي!	112
نقابن نہ ڇاتا!	114
اُتي تو ساريان...	116
لاڙ جي جڻ بهار آهين!	118
ڪُنواري ساک سر جي پَٽي!	120
دودا توکي سنڌ سڏي ٿي!	122
نہ ننڊ ڏي تون...	124
پکين جي اکين جا پيچاڻا!	126
لاڄان جت...!	127
ڪتاب لکجي!	129
ستارا تو لئہ جُهڪي رهيا هِن	131
اُداس هينئڻ نہ شهر ڪر!	133
خوشبوءِ جي تاريخ لکان!	134
عشق جون بدگمانيون!	135
اچا تو چاچرو سوچي!	137
هي دل آهي سنڌ سجي!	139
زخمي خواب جو سُڏڪو!	141
گُلابي نظرن اڳيان!	143
نيڻن جي آڏو...!	145
چاهت جي پوئين ڪهاڻي!	147
صليبن جي سامهون!	149
خون آدم جو...!	151
جي زبانون ماٺ ڪي چوڙي وڃن!	152
تيدي مهاڻي جي ونيءَ جو ورلاپ	154
گَٽر رابيل ويو ڪاٿي	156
★ پنجڪڙا	158

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

پبلشر پاران

سنڌ جي نامياري شاعر محترم ايوب کوسو جو هي ٽيون نمبر ڪتاب "اڪيلائيءَ جو آسمان" اوهان مهربان، پڙهندڙن جي ذوق جي تڪميل خاطر اسان جي اداري گلشن پبليڪيشن ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو آهي. ايوب کوسو صاحب جا هن کان اڳ ۾ ٻه ڪتاب "گلابن جو ڪفن" ۽ "ديوارن جي دنيا پويان" ڇپجي چڪا آهن ۽ اهي ٻئي ڪتاب مارڪيٽ مان ختم ٿي چڪا آهن.

محترم ايوب کوسو پنهنجي شاعري جي رستي سنڌ جا حسين منظر پسائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. ايوب کوسو جي شاعري پنهنجي پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا ته هن کي سنڌس شاعري ڪيئن ٿي لڳي. ڇاڪاڻ ته پڙهندڙ ئي شاعر جا بهترين پارکو هوندا آهن.

اميد ته ٻين ڪتابن وانگر هي ڪتاب به پڙهندڙن کي پسند ايندو.

حيدرآباد 7-12-2003

گل شير بلوچ

Scanned with CamScanner

شاعري ڪُنواري دانهن هئڻ گُهر جي!

انتشار جو زمانو آهي، دنيا جي حصن ۾ بم ڦاٽي رهيا آهن، ماڻهوءَ جي سلامتي هڪڙو سوال آهي! پرنٽ ميڊيا جي تصويري ڊوڙ حساسيت کي ٽڪائي وڌو آهي، امن جا گيت ته هاڻ جهرڪين جي زبانن تي به ناهن رهيا! ان ماحول ۾ شاعريءَ جون ذميواريون ٻيڻيون ٿي ويون آهن، محسوسات جي برفباريءَ ۾ ذهن جي اڪين شاعريءَ کي اُنن جي ڪجاون ۾ ويهي اُس ۾ صحرا جو سفر ڪندي ڏٺو آهي، ته ڪٿي وري شاعريءَ کي درياءَ جي سوڪ ۽ روڪ جي احتجاج ۾ رستن تي پوليس جون لٺيون سهندي ڏڪندي به ڏٺو آهي. وقت اسان کي لتاڙي اڳتي وڌي رهيو آهي، اسان بي روح رُتن ۾ بيحسين جي باهه جي وچ ۾ هلي رهيا آهيون، ۽ وجودن جون اڪيلايون بنهه وڏيون ٿي ويون آهن! ڪو وقت هو جو سنڌو درياءَ جي ڪپن تي شاعريءَ جون اُپسرائون وار ڇوڙي گهمنديون هيون، اتي شهر اڏبا هئا، رگ ويد جهڙا ڌرمي ڪتاب لکبا هئا. سرمدي اکين جي ڪنوارپ خُمارن جا ڪيپ پري ڇڏيندي هئي، پر هاڻ ائين ڪونهي! عجيب جيءَ جون جلاوطنيون خوابن جي ديسن ۾ پکڙجي ويون آهن. هجرتن ڳوٺ ڳڙڪائي ڇڏيا آهن. شاعري باهه تي پنهنجا ڪنوارا هٿ سيڪي رهي آهي! شاعري زخمن ڏي نهاري رهي آهي. شاعري احساسن ۽ تاريخ جي چيچ ۾ چلڙو ٿيڻ جي آرزوءَ ۾ پنهنجي بدن تان ڏوڙ ڇنڊڻ ۾ رُڌل آهي! لفظن جي بي حرمتي اڳي ڪان به گهٽي هاڻ ڪئي وڃي ٿي، ڇو جو آس پاس گهٽياپڻي جون بازاريون ڪليل آهن! روحانيت جو ڇنڊ ڪارن ڪڪرن جي گهيري ۾ آهي! چرين اکين وارا پيار جا مسافر پنڌ جي رُڃ ۾ ڦاٽل آهن! تنهن لاءِ آس پاس

Scanned with CamScanner

سڀ ڪجهه ٿي وڃي ٿو، ايتري تائين جو بڪواس کي به احترام جو درجو حاصل ٿي وڃي ٿو، پر سچ ڇُرن هيٺ اچي وڃي ٿو! پل ۾ ڪئين وارتائون ٿي وڃن ٿيون، قبرن تي ڪيئي ڪچيون اکيون ڳوڙها ڇڏي وڃن ٿيون، ڪليل گٽر ننڍڙا ٻار کائي وڃن ٿا، اسپتالن جون فيون ڀرڻ لاءِ غريب مائون ڏيئن جون عصمتون وڪڻڻ جو بي دليو سؤدو ڪري ويهن ٿيون! لفظن جي دوکي ۾ روح ماريا وڃن ٿا، پر سچ اهو آهي ته هن گندگيءَ وارين ڪارين راتين ۾ شاعري وري به دلربا ماءُ جهڙي ٻاجهاري پناهه گاهه آهي، جيڪا چاهي ٿي ته رجعت پسنديءَ جا بُت ڀڃڻ ڪپن، ڌرتيءَ تي ڇُمين جو ورجاءُ ٿئي، ڪابه هنيلي جواني سرد لاش نه بڻجي؛ ڪنهن به ننڍڙي نينگريءَ جا ڪچا پير بيحرمتي جي بازارن ۾ لتاڙيا نه وڃن؛ نه جنگيون لڳن، نه گولين جو آواز پکيڻ جي ننڊ ڦٽائي! شاعري چاهي ٿي ته هاڻي روايتي ورجاءَ کي گهٽو ڏنو وڃي! هاڻ ٻارن جي رانديڪن کي، ڀنگياڻين جي ٻُهارن کي، وڻجارن جي ڪيڏارن کي، ڦاٽل ڇُنين جي انتظارن کي، ڇيڻن جي دونهين کي، پوٺن جي اُڃ کي، اشڪبارين جي رُڃ کي، پٿر ٽڪيندڙ هٿن جي رَت کي، عشق جي پَٽ کي، اڇن ڪبوترن جي اُڏارن کي نئين روح سان شاعريءَ جو حصو ٿيڻ گهرجي، اها شاعري هڪڙي ڪنواري دانهن هئڻ گهرجي، اُها سوين اکين، سوين ايامن ۽ سوين زبانن سان سُمهڻ باوجود ڪنواري رهڻ گهرجي! شاعري رڳو لفظن جي سٽاءَ جو نالو ناهي، پر شاعري اوجاڳيل نرسن جا ٻاجهارا هٿ به آهي، شاعري غلامن جي قافلي ۾ وڏن زلفن وارين ننگين عورتن جي روح جو درد به آهي، ته شاعري خوشبوءِ جو رقص به آهي!

شاعريءَ جي سفر ۾ مون لاءِ هر دعويداري حرام آهي، ڇو جو اُها منهنجي عشق جو حصو آهي! شاعري مون لاءِ مقدس ان ڪري به آهي، جو اُها منهنجي اڪيلائيءَ جو آسمان آهي! ڪيئي نظمن ۽ غزلن جا خيال مون انهن گهٽين مان کنيا آهن؛ جن گهٽين ۾ ڪنهن جا نه ڪنهن جا محبوب رُٺا آهن، وڇڙيا آهن، مُرڪيا آهن ۽ ڪنهن جي پيرن جي خوشبوءِ ڇڻ ته پيڇو ڪندي رهي آهي. شاعري رستن، چونڪن، درين، دروازن، پردن، پيلن، ٻنين ۽ ٻرن ۾ اگهاڙي پيرن سان سفر ڪندي رهي آهي، مون ته فقط اکين ۽ روح

جي هٽن سان ان سان هٽ ملايو آهي! شاعريءَ جو اهو اصول رهيو آهي تہ اُها ان وياڪل ماڻهوءَ جي ڳولا ڪندي ڏُڪندي آهي، جنهن جو من شاعريءَ جو مسڪن هوندو آهي، اهوئي سبب آهي جو Qana ڪئمپ جي سانحي کي ڪو عرب شاعر نذار قاباني ملي ويندو آهي؛ ڪنهن ڪربلا کي ڪو پٽائي سُر ڪيڏارو اربي چڙهيندو آهي؛ ڪنهن رَمَلا جي رَت ٻُڏل رستن کي محمود درويش ڳولي لهندو آهي، تہ ڪنهن لنڊن جي دونهاٽيل شامن جو درد ڪيٽس جي سٽن جو حصو بڻجي ويندو آهي!

هتي هن زمين جو الميو اهو رهيو آهي، جو هتي واهيات بيحسيءَ جي ٻوڙ جي ڪري شاعريءَ کي اُها مڃتا ناهي ملي سگهي، جيڪا ٻين ڌرتين تي شاعريءَ کي ملندي رهي آهي! هتي تہ شاعر سدائين لاوارث ٿي مُئا آهن، اهو سڀ هوندي بہ ڌرتيءَ سان وابستگي شاعرن کان لڪائي رهي آهي. اهو بيحد سهڻو سچ آهي! حقيقت اها آهي تہ هتي يڪسانيت جو جمود حاوي آهي، جيڪو ٽُٽڻ کپي! ماڻهو چاهين ٿا تہ ڪجهہ نئون هجڻ کپي، ڪا نئين ڳالهہ ٿيڻ کپي، هي پرين جا قصا ٻُڌائڻ جو زمانو ناهي، هاڻ شاعريءَ ۾ بہ تازي خوشبوءِ هئڻ گهرجي، شاعريءَ کي روايتي دڪٽپائيءَ جي ڪچري مان نڪري رابيلن جيان مهڪڻ گهرجي. شاعري قبر کوٽڻ جي ڪاريگريءَ کان بہ منفرد ۽ ڌڪيو فن آهي، ان ڪري ان جي حرمت کي بہ محسوس ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي گهٽي گهرج آهي! بيباڪ ۽ بيساختگيءَ واري شاعري اڃا هتي ممنوع آهي، ائين حالتون بہ سچ لاءِ هتي ممنوع آهن ائين جيئن پولينڊ جي جپسي (خانہ بدوش) شاعره پاپوزا سان حالتون وابستا هيون، جڏهن هن پنهنجي پبلشر فيڪو وسڪيءَ کي لکيو هو: ”جيڪڏهن تو اِهي گيت شايع ڪيا تہ منهنجي ڪَل اُديڙي ڇڏيندا، انهن جي شايع ٿيڻ سان هو ننگا ٿي ويندا. پر ڪير ڄاڻي ان کان پوءِ منهنجي جسم تي نئين ڪَل ڦُٽي پوي، جيڪا اڳ کان بہ وڌيڪ حسين هجي!“ حالتون پاپوزا جي خيال جهڙيون هر خطي جي ليکڪ لاءِ سدا ٿينديون رهنديون آهن، پر پوءِ بہ هر سچو شاعر پنهنجي ڳالهہ ڪنهن نہ ڪنهن رُخ ۾ چئي ويندو آهي، اهوئي شاعري جي فن جو ڪمال آهي- ۽ اهو ڪمال ڄاڳيل رهڻ کپي، ڇوجو قلم جي حُرمت مسخري نہ، پر هڪ گلابي سچ آهي. سنڌ ۾ ادب جي اهميت نالي ماتر

soorthsindhiadab

Scanned with CamScanner

آهي، لابيون سرگرم آهن، ناني ويڙها آباد آهن، ادب ڪنهن به تحريڪي حوالي سان تخليق نہ پيو ٿئي، تنقيدي ادب جو نالو نشان ناهي، ان ڪري ادب ۽ تخليق جي سگهہ بہ واضح ناهي. اهو وڏو الميو آهي، جيڪو هاڻ فنا ٿيڻ گهرجي، نہ تہ يڪسانيت جي وبا سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي ٿپ اپاهج بڻائي ڇڏيندي، جيڪو وڏو تاريخي سانحو هوندو!

هڪ ننڍڙي شاعر جي حيثيت ۾ منهنجي اها ڪوشش رهي آهي تہ ڪا نئين ڳالهہ ڪجي، نئين تخليق پيش ڪجي، شاعريءَ کي نواڻ ڏجي، شاعريءَ کي هڪ مسلسل مشقي عمل طور ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هي منهنجي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو آهي، منهنجو پهريون مجموعو پڙهندڙن جي پيار سبب مختصر عرصي ۾ مارڪيٽ ۾ اڻلڀ ٿيو هو، جنهن منهنجي اتساهہ ۾ اضافو ڪيو آهي. سڄڻن جون محبتون منهنجو عظيم سرمايو آهن.

"اڪيلائي جو آسمان" منهنجو "گلابن جو ڪفن" کان پوءِ ٻيو مجموعو آهي، جيڪو توري وقفي بعد پڌرو ٿيو آهي. "گلابن جو ڪفن" جيان هن مجموعي ۾ بہ ڪجهہ جيل ۾ لکيل شاعري شامل آهي، ڪجهہ اڳ جي ۽ ڪجهہ تازي شاعري شامل آهي. ڪوشش اها ئي رهي آهي تہ جدت جا رنگ شاعريءَ ۾ اچن. ان ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان، ان جو فيصلو باشعور ۽ با ذوق پڙهندڙ سڄڻن تي ڇڏيل آهي، جن جي راءِ مون وٽ هميشہ محترم رهي آهي! بس منهنجي شاعريءَ جي تمنا اهائي آهي تہ بد ذوقيءَ کي ڀونڊو لڳندو رهي، تاريخ جو درد بيان ٿيندو رهي، عاشقيءَ جي جسم کي محبوبيت جو لباس ملندو رهي، دريائي ڪنوارين مهائين جي اکين جهڙي انسانيت جي حرمت داغدار نہ ٿئي، سائنس جي عروج جو دؤر هوندي بہ روحانيت ۽ رومانويت جي احساسن جون چانڊوڪيون چمڪنديون رهن! پيار ۽ خوابن سان پريل اکيون سلامتيءَ جي صبحن سان وهنجنديون رهن شل!

هن مجموعي جي سڄي نگراني پنهنجي ڪلهن تي کڻڻ. اُن کي خوبصورت بنائڻ لاءِ لڳاتار سرگرم رهندڙ پنهنجي دلربا دوست گُلاب جي محبتن جو قرضي ۽ ٿورائتو آهيان. گلشن پبليڪيشن جي سرپرست دوست صفدر گاڏهي بلوچ جي قدر شناسيءَ ۽ پيار جو تمام گهڻو احسانمند آهيان.

Scanned with CamScanner

جنهن هن مجموعي کي ڇپائڻ لاءِ دل سان گهر ڪئي ۽ پيار سان ڪتاب جاڻ لاءِ دل جا در کولي ڇڏيا: جنهنڪري هي مجموعو ترت محبتن سان بکجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو آهي، جنهن لاءِ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد جو ٿورائتو آهيان ۽ گڏوگڏ مانواري سائين تاج جويي جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب کي سينگارڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو آهي.

<u>پتو:</u>

ٽپال گهر جهڏو،
شاهه لطيف ميڊيڪل اسٽور جُهڏو.
ضلعو: ميرپور خاص سنڌ
24-7-2003

سچ سلامت سنڌ سلامت
پيار مان،
ايوب کوسو

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

مهڪار اُتڻ جي ڳالهه هلي!

اڄڪلهه ادبي حلقن ۾ هڪڙو بحث عام طرح هلي رهيو آهي ته، ”موجوده سنڌي شاعري ’مُقام‘ ڏانهن وڃي رهي آهي يا ’مقام‘ (status) حاصل ڪري چڪي آهي.“

اهو بحث، اخبارن ۽ ڪُنهين وانگر هتان هُتان نڪرندڙ بي موسم رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ بنا ڪنهن معيار يا پرک جي ڇپجندڙ شاعريءَ توڙي ياري باشيءَ وارن راين وسيلي ڪنهن شاعر جي مرتبي، درجي ۽ پد مقرر ڪرڻ وارين ڪوششن ڪان پوءِ ئي شروع ٿيو آهي. بحث جون ٻئي انتهائون، بي نتيجي هئڻ ڪري، عام پڙهندڙن ۾ مونجهاري جو ڪارڻ بنجي رهيون آهن. روايتي ورجاءَ، لفظي يڪسانيت، فن جي بدران ڊڪاٽڪيءَ، بيجا نقاليءَ ۽ تتبع تي ٻڌل ۽ لفظن جي حُرمت کي پائمال ڪندڙ شاعريءَ کي ڏسي، ڪُجهه دل جليا دوست کهري زبان ۽ ڪڙي لهجي کي ڪتب آڻي رهيا آهن. پر سنڌ جو ’ڪوتا - ڪيتر‘، ائين به ناهي ته بلڪل ڀيلجي، ’اولڙ گاهه‘ بنجي ويو آهي، اُن ۾ نوان گل، گونچ ۽ شگوفا به ڦٽا آهن، جن جي تازگيءَ، شگفتگيءَ ۽ هڳساڻ سان سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ سُرهاڻجي رهي آهي. اسان جا اڃا ڪيترا ڀهرينءَ صف جا شاعر، شمشير الحيدري، امداد حسيني، تاج بلوچ، عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، وفا ناٿن شاهي، مير محمد پيرزادو، سرڪش سنڌي، وفا پلي، تاجل بيوس، آثم ناٿن شاهي، فتاح ملڪ وغيره ميدان ۾ موجود آهن، ۽ نوجوان شاعرن جي به هڪ وڏي ڪهڪشان شاعريءَ جي آسمان تي چمڪي رهي آهي، جن مان ڪيترا ته اهڙا آهن، جن سينئرن ڪان به ڀچرڪ پرائي ڇڏيا آهن.

انتهائن جي اِن به واٽي تي بيهي، اياز گل ۽ حليم باغيءَ ڪان پوءِ

ڪوتا مارگ تي قدم وڌائيندڙ نوجوان شاعرن جي قافلي تي نظر وجهجي تي تہ هڪڙو نالو اسان سمورن جي ’اکين جو مرڪز‘ بنجي پوي ٿو، جنهن روايتي ورجاءَ، يڪسانيت، تتبع ۽ ڊڪاٺڪيءَ واري شاعريءَ کان هٽي ’لفظن جي حُرمت‘ ۽ ’تخليقي انداز‘ کي بحال رکيو آهي، ’يڪسانيت جي جمود‘ کي ٽوڙيو آهي ۽ روحن جي ڌرتيءَ کي گرمايو آهي. اُهو نوجوان شاعر آهي **’ايوب کوسو‘**! هِن نوجوان جي شاعري پڙهي، اُنهن ماڻهن سان منطق ۽ دليل جي زبان ۾ ڳالهائي سگهجي ٿو، جيڪي يا تہ شاعريءَ جي ضرورت جا منُڪر آهن يا وري سنڌي شاعريءَ کان مايوس ٿي چُڪا آهن.

ايوب کوسي، پنهنجي پهرئين شعري مجموعي **’گلابن جو ڪفن‘** ۾ شاعريءَ جي ضرورت ۽ اهميت کي ڪيڏن نہ وزنائتن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

”هن سماج کي شاعريءَ جي تمام گهڻي ضرورت آهي، جو جو معاشري ۾ توازن موجود ناهي، جڏهن تہ شاعريءَ ۾ توازن آهي. شاعري زندگيءَ جي معصوميت جو اصل جادو آهي.“

سچ تہ هن نوجوان، شاعري دل سان لکي آهي ۽ سندس شاعري ذهن کي تازگي ۽ روح کي حرارت پهچائي ٿي. اجوڪي ’خودڪش سماج‘ ۽ ’بي توازن معاشري‘ ۾ هن قسم جي شاعري اُتم - هتيائي سوچن، ذهني انتشار ۽ انساني وياڪلتا کي زندگيءَ جي واٽن تي موٽائڻ تي مجبور ڪري ٿي ۽ وياڪل دلين کي سُڪون ۽ ڏڍُ ڏيندڙ محسوس ٿئي ٿي.

ڄامشورا! تنهنجو آهي ڪرشمو،
هر پٿر مان چير آهي مُون ٻُڌي.

–

ٻالڪ جي اکين جهڙو آ ڳوٺُ پرين تُنهنجو!
سانوڻ ٿو رهي تُنجي مهڪارجي پيرن ۾.

–

اکين ۾ ڪائناتون ۽ بدن ۾ صبح جا جلوا،
خُدا جي جڻ تہ فرصت ۾ اُها ويهي گهڙيل آهي.

–

Scanned with CamScanner

تنهنجي جوڀن ۾ آهي اُني جي مَهڪ،
تُنهنجا ڪيــڏا هوا ۾ اثر تـــا ورن!

-

چون ٿا هُن جي مُرڪن ۾ ڏندن جا ڦول ٿا مهڪن!

-

هيءَ زندگيءَ جي ٻولي، هي نڪور ۽ نئون لهجو، هيءَ ٻوليءَ ۾ نين تشبيهن ۽ استعارن جي تخليق ۽ هي جوڀن- ونت اسلوب ٻُڌائي ٿو تہ ايوب کوسو لئيءَ مان لٺ پڇي شاعر نہ ٿيو آهي، بلڪ هن سندس ئي لفظن ۾ ”روحــانيت ۽ رومــانيت جون چاندوڪيــون چمڪــايون آهن.“ هن جي شاعريءَ هڪ ’مَقام‘ (status) حاصل ڪري ورتو آهي. هن جي شاعريءَ، ٻوليءَ جي پوتيءَ ۾ نوان ستـارا ٽاڪيا آهن ۽ هن جو هيءُ تخليقي لهجو، وڏي وقت تائين زنده رهڻ جي پيشگوئي ڪري ٿو.

ايوب کـوسي وٽ احساساتي زبان ۽ پنهنجو نڪور تاجي پيٽو آهي، جنهن ۾ نقل جو شائبو بہ موجود نہ آهي. هن جو اندازِ بيان منفرد ۽ تخليقي آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جون رعنائيون، ڪرب، ڪوجهايون، بي حسيون، ٻُڌترون، آشائون ۽ روشنيون - مطلب تہ زندگيءَ جا سڀ رنگ موجود آهن:

پــکــين جي پــرن ۾ وڏا دردَ آهـــن،
سنجهـا جو سنڌوءَ جي ڪنارن ٻُڌايو!

-

مِٽيءَ جي شـهـر ۾ مـسافـر مـرن تـا،
اويـــلا نـــہ اچجو، نـــظـــارن ٻُڌايـــو.

-

گـــلابن کي چاٽي هوا ڪا وڃي ٿي،
سُگنڌي ڪهاڻيون، پٿر ٿي وڃن ٿيون!

-

نڪي هوءَ اچي ٿي، نہ موسم ڦري ٿي،
سُکي رات راتيون، پٿر ٿي وڃن ٿيون.

-

Scanned with CamScanner

هر وقت گهٽين ۾ اوجاڳا، پيا پازيبن جو پنڌ پُڇن

-

مان آسرن جي اُس ۾ ويٺو رهيس اڪيلو،
آرپيا نہ تو گلابَ، اکيون ترڀنديون رهيون!

-

ڪو خاموشين ۾ ساھ وِجهو،
جِئن روپا مـــاڙي لوڪ تڪي،
ڪو دودو ٻـڙڪي دانهن ڪري،
هن رڻ پٽ ڪي ڪا جاڳ اچي!

-

ڪو خاموشين ۾ ساھ وجهو،
سـوچن کي اڙايو مقـتل سـان،
شـعلن کي سـمـايو ٻوليءَ ۾،
تـاريـخ درن تـي بـيـــنـي آ،
ڪي قول وجهو اُن جهوليءَ ۾!

-

ايوب کوسي وٽ سماجي ۽ قومي شعور بہ بلند سطح جو آهي ۽ اُن جو اظهار بہ ايڏو تہ فنائتو ڪري ٿو، جو سندس شاعري، فن ۽ فڪر جو سهڻو گلدستو بنجي پوي ٿي:

ٻُڌن سان حياتين جو سودو ٿئي ٿو،
گلابي نياڻيون، پٿر تي وڃن ٿيون.

-

تـهـذيـب جي نـئين چادر پـل روحَ تـي اوڍي ڇڏ!
موهن جي دڙي جون پر، ڪجھ دل ۾ ڪٽائون رک!

-

اسان جي تهذيب جي بدن تي بناوتن جي ڏسو هي حرڪت،
روايـتن کـي لـڳي آ ڦـاهي، ڳجهــارتـن کـي ڇرو لـڳو آ.

-

Scanned with CamScanner

ڪو جسم اگهاڙو نينگر جو، ڪا ذرتيءَ جي ٿو دانهن لڳي،
سڀ خواب اکين جا چورايل، هي سنڌوءَ جا نوحا سمجهان!

-

ڪلهه اُرهه اُپي جي اوت وٽان، هن چنڊ ڏٺو هو آڌيءَ جو،
اڄ لاش اُنهيءَ جو اجرڪ ۾ ٿو پن ڇڻ جي فتويٰ سمجهان!

مٿيان شعر اسان جي سماج ۾ بي جوڙ شادين، غربت جي ننگين تصويرن ۽ چند روپين نياڻين کي انڌن الزامن هيٺ قتل ڪرڻ وارن واقعن سان گڏ اهو احساس به ڏين ٿا ته اسان کي پنهنجيءَ تهذيب جا زنده جاويد قدر ۽ بهتر روايتون پڻ قائم رکڻ گهرجن، ۽ ڌارين تهذيب جي انڌي نقالي نه ڪرڻ گهرجي. اسان جو هي شاعر حسن ۽ عورت جي بيحرمتي برداشت ڪرڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار نه آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ جو تاجي پيٽو حسن ۽ عورت، (جيڪي پڻ تخليق جا مجسم آهن) تي ٻڌل آهي.

اڄ جڏهن سنڌو درياهه تي بند ٻڌي، سنڌ اندر تهذيب ۽ جيوت جا نشان مٽائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن، تڏهن هن نوجوان شاعر پڻ ’سنڌوءَ جو ڪيڏارو‘ ڳاتو آهي- پر ڇا ته سندس تخيلقي انداز آهي، ڇا ته سندس ٻوليءَ جي حُسناڪي آهي ۽ ڇا ته سندس اندازِ بيـــان ۾ ڪرب سمايل آهي!

نه پيــڙي، نه جوڙا، نه پاٿيءَ ڦــڙو ڪو،
اکين ڪي سنڌوءَ جي ڪيــڏاري ڪُنــو!

-

سنڌوءَ جي بيوفائيءَ تي لَڏي پيو ڳوٺ ”سُهڻين“ جو،
نهـــاريون ڇا وڃي اوڏي، رتو رت دلبـــريون آهن!

ايوب کوسي لاءِ سندس شاعري، سندس ’اڪيلائيءَ جو آسمان‘ آهي، پر اسان لاءِ سندس شاعري ’لُٽيل سنڌ جي نوحي‘ سان گڏ ’آزاديءَ جو حسين خواب‘ پڻ آهي:

سُرخ پنن تي سنڌ لکهان ٿو،
ڇڻ ته ڦٽن تي سنڌ لکان ٿو.

-

ڇُلڪي هن جا نيڻ پون ٿا،
نانءُ هٿن تي سنڌ لکان ٿو.

Scanned with CamScanner

اجا آئي ناهي گلابن جي موسم،
اجا سنڌ ۾ آ عذابن جي موسم!

-

من جو ديبل دانهن ڪري ٿو،
سرد وچن تي سنڌ لڪان ٿو.

-

ڪو خاموشين ۾ ساهہ وجهو!
بدبخت اُگهاڙين راتين ۾،
زنجير ٽُٽڻ جي ڳالهہ هلي،
ڪي ديوارن ۾ ڏار پون،
مهڪار اُٿڻ جي ڳالهہ هلي!

-

ڪو خاموشين ۾ ساهہ وجهو،
ڪا واهوندي ۾ چير وجي،
بيتاب اُتي ڪو تَمرُ چوي:
"ڏس هاڻ پٽائي! سنڌڙيءَ تي،
پيو ڳاڙهو سورج ڳاتُ ڪٽي!"

-

’سنڌڙيءَ ۾ ڳاڙهي سورج‘ اُڀرڻ جي آس رکندڙ ايوب کوسي جي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو ’اڪيلائيءَ جو آسمان‘، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ ’سگهارو قدم‘ ۽ ’نئين صبح جي نويد‘ آهي. آءُ ’دانشوراڻي پهچ‘ (Intellectual approach) سان پرپور شاعريءَ جي خالق ايوب کوسي کي هڪ دوستاڻي راءِ ڏيندس تہ پنهنجي تخليقي ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ ورجاءَ کان پاسو ڪري ۽ پنهنجي سماجي شعور کي عوامي سطح تائين ڪٽي اچي تہ سندس ڪوتا - ڪنوار جو حُسن اجا بہ نکري پوندو!

- تاج جويو

Scanned with CamScanner

غزل

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

يدمن: صاحب خان "سوره" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

بهارن ٻُڌايو، نہ چارَن ٻُڌايو!
اوهان جو پتو اشڪبارَن ٻُڌايو!

پکين جي پَرن ۾ وڏا درد آهن،
سنجها جو سنڌوءَ جي ڪِنارَن ٻُڌايو!

منيءَ جي شهر ۾ مُسافر مَرن ٿا،
اَويلا نہ اچجو، نظارن ٻُڌايو!

چَپن سان اوهان ڪونہ اوري ڪهاڻي،
سمورو قصو نيڻ - ڪارن ٻُڌايو!

اڃا ڪنهن بہ زلفن کي ناهي پکيڙيو،
مُهن جي دڙي کي ڏنارن ٻُڌايو!

اَچن ٿا، اچن ٿا، اِجهو غم اچن ٿا،
اکين کي اِهو انتظارن ٻُڌايو!

اهو ڇير ڇمڪو، وڃي ٿو ٻکن ڏي،
ڏکڻ کي وٽن جي اِشارن ٻُڌايو!

پُڇيوسين هوا جا زخم ڪير سبندو؟
تُنهنجو جامشورا! سِتارن ٻُڌايو.

نياپو هي وجي ڪو ڏي، رَتو رَت دلبريون آهن،
بدن ايڏو نہ چئو لوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن.

پرهہ جا پير ونگن مان اجا آزاد ٿيا ناهن،
اڃان مان ڪيئن پرين توڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

چون ٿا هُن جي مُرڪن ۾ ڏندن جا قول مهڪن ٿا،
وڃن ٿا سڀ پڪي هوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

بهارن ۾ بہ وڪرڻ جو اڃا احساس اُڀري ٿو،
ستمگر آ ڇڏيو ڏوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

سنڌوءَ جي بيوفائيءَ تي لَڏي پيو ڳوٺ سُهڻين جو،
نهاريون ڇا وڃي اوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

لڳي ٿو عشق آ پويل سنجها جي اڄ ستارن ۾،
اچڻ جو آسرو ڪو ڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

◆

Scanned with CamScanner

وصُل جي رُت آ صفا وچايل، رفاقتن کي چُرو لڳو آ،
سُچائپن جي تميز ناهي، صداقتن کي چُرو لڳو آ،

تو نيڻ ٻوٽي، نئين صُبح کي بهار جهڙي چُمي ڏني آ،
گُلاب لوڏي هوا چيو آ، عداوتن کي چُرو لڳو آ.

ڪميڻو ڪوئي، حرامي، ڪافر ۽ سڏجي ماڻهو اڇوت ڪوئي،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پرين اسان جي سماعتن کي چُرو لڳو آ،

اسان جي تهذيب جي بدن تي بناوتن جي ڏسو هي حرڪت،
روايتن کي لڳي آ ڦاهي، ڳُجهارتن کي چُرو لڳو آ!

يقين ڏسندين هي پير پنهنجا ڪڏهن ٻه ٽڪجي پنيان نه هٽندا،
سماج! توسان پلي سدائين بغاوتن کي چُرو لڳو آ!

تُون پنهنجي مُرڪن جو هيل جانان! مزاج ساڳيو چپن تي رکجان،
ڪنوارپڻ کي سُري چَٽيو آ، نزاڪتن کي چُرو لڳو آ!

Scanned with CamScanner

چَئُ تارن کي واڪا سمجهان يا سانجهين کي سُڏڪا سمجهان،
تو بند گهٽين ۾ ماڻ ڪئي، مان ڇا سمجهان، مان ڇا سمجهان!؟

هِن طنبورن جي تارُن کي ويو زنگ چَٽي آ بارش ۾،
اڄ گيت ڇَپن جا وڻجارا، تو ڳوٺن جا لاشا سمجهان!

بي رنگ سڏن جي خيمن کي، دردن جي لُٽيو آ اونداهيءَ،
خاموش درين ۾ ڏيئن کي تو قبرن جا ڪَتبا سمجهان!

هر وقت گهٽين جا اوجاڳا پيا پازيبن جو پنڌ پُڇن،
اَڌ رات لَيَن تي ماڪَ ڪريل ڪنهن بيوه جا سپنا سمجهان!

ڪو جسم اگهاڙو نينگر جو، ڪا ڌرتيءَ جي تو دانهن لڳي،
سڀ خواب اکين جا ڀورايل، هي سنڌوءَ جا نوحا سمجهان!

هڪ وار ڏکهو آ ڪالر تي، خوشبو آ ڦُلاريل سارين جي،
نئين سج ڪنواري جي اُڻ تُڻ ڪو سپنو تو مَنوا سمجهان!

ڪلهه اُرهه اُيي جي اوٽ وٽان هُن چنڊ ڏٺو هو آڌيءَ جو،
اڄ لاش انهيءَ جو اجرڪ ۾ تو پن چڻ جي فتويٰ سمجهان!

تون ماٺارن جي مات هُئين، تون مونجهارن ۾ ذات هُئين،
تو دل کي وکٽي قهر ڪيو، اڄ خود کي تو تنها سمجهان!

Scanned with CamScanner

سُرخ پنن تي سنڌ لکان ٿو،
چڻ تہ ڦٽن تي سنڌ لِکان ٿو.

روز اکين جي ننڊ مري ٿي،
روز سَڏن تي سنڌ لِکان ٿو.

اٿين ٿو تون جام چپن تي،
آءُ چپن تي سنڌ لکان ٿو.

انگ انگ آهي ساٿو ساٿو،
پوءِ بہ بدن تي سنڌ لکان ٿو.

ڇَلڪي هُن جا نيڻ پون ٿا،
نانءُ هٿن تي سنڌ لکان ٿو،

مَن جو ديبل دانهن ڪري ٿو،
سرد وچن تي سنڌ لکان ٿو.

هوءَ سرتين ۾ ٿهڪ ڇڏي ٿِي،
آءُ وٽن تي سنڌ لِکان ٿو!

سنجها تاڻي سنڌ لُٽي آ،
تنهنجي ماڻي سنڌ لُٽي آ،

تو جو مُرڪي زلف سنواريا،
هاڻي هاڻي سنڌ لُٽي آ،

خوشبوءِ جو آ لاش ڪڄاڻو،
گُل گُل چاڻي سنڌ لُٽي آ،

وڪ وڪ تازو خون وهي ٿو،
گهاڻي گهاڻي سنڌ لُٽي آ،

ڏوهه چنيسرَ چوٽا آڻيو،
گاگهه سياڻي سنڌ لُٽي آ،

اجرڪ جي ٽِي خوشبوءِ روئي،
تاڻي تاڻي سنڌ لُٽي آ،

هوشو ڏس! هي ڪيڏن غدارن،
ڌاريان آڻي سنڌ لُٽي آ!

زنجير هئا ايڏا اظهار جي پيرن ۾،
موسم بہ رهي ماتم ويچار جي پيرن ۾!

ڏس پيار بنا ماڻهو دوزخ جي ڪهاڻي آ،
تو پوءِ بہ رکي آ دل واپار جي پيرن ۾!

رَت چاڻ بهارن ۾ گُل گُل کي هوا چاڙهيو
لڙڪن جا هئا موتي، سنسار جا پيرن ۾!

الزام هوائڻ ۾ جنهن وقت پرين! وڪريا،
ڪجهہ خواب هئا منهنجا، بازار جي پيرن ۾!

بي نانءُ اُداسي ۾ هر واس اُڏي پتڪيو
دل آهِ رکي آيس، دلدار جي پيرن ۾!

ٻالڪ جي اکين جهڙو آ ڳوٺ پرين ٿُنهنجو
سانوڻ تو رهي تنهنجي مهڪار جي پيرن ۾!

ڇُوڙين جي وڇٽ ناهي، ڏيئو بہ نٿو ٽِمڪي،
ڪي ڏنيپ ڏيو هاڻي، ماٺار جي پيرن ۾!

❖

Scanned with CamScanner

پُسيل شام جي هر اشاري ڪٿو آ،
چُني ڪنهن هوا ۾ اُڏاري ڪٿو آ.

وري پاڻ اُلجهي ٻُڏاسين اکين ۾،
وري عشق ڪنهن جي ڪنواري ڪٿو آ.

اچي ياد ويئي گلابي چپن جي،
اُفق رنگ لالاڻ هاري ڪٿو آ.

چٽياسين، ٻرياسين، اويلا، اڪيلا،
سوا تو ستمگر سياري ڪٿو آ.

نه ٻيڙي، نه جوڙا، نه پاٽيءَ ڦڙو ڪو،
اکين کي سنڌوءَ جي ڪيڏاري ڪٿو آ.

ڪندين مانُ موهن اچا ڪيستائين!
ٻڌا توکي ڪنهن او وساري ڪٿو آ.

ٻُڏي ويو دنيءَ ننڊ ۾ ڳوٺ سارو،
اسان کي کِلي تاري تاري ڪٿو آ.

❖

ننڊ پاسي رکي، پرجهلا سارجن،
زلف ڪارا، هٿن جا ڇلا سارجن.

پنڌ ڏوڏي پَلي، وقت لوڏي پلي،
آءُ اُس ۾ هلي، قافلا سارجن.

دل تي اوندهہ چڙهي تي وچي تو سِوا،
تون ٻُڌا زخم ڪيسين پلا سارجن؟

پاڻ آهيون ڪٿي، ساڻ آهيون ڪٿي؟
هاڻ آهيون ڪٿي؟ فاصلا سارجن.

مينهن وسندي جا فُرصت آ توري ملي،
ڇو نہ ڪنهن جا وچن دادلا سارجن.

ڇٿو جنازا ڪٿون يا ڇُميءَ جو پُڇون؟
ڪهڙا ڪهڙا پرين مسئلا سارجن.

پنهنجي تاريخ جي آ تقاضا اِها.
اُجرڪن ڪي ڇُمي روپلا سارجن!

Scanned with CamScanner

نہ رگ ويد لِکيو، نہ ٻيو ڪو رسالو،
سنڌوءَ جي اَکن تي تہ لکيو جمالو.

نَکن جي نَڙُن جي رهي ڪا تہ حُرمت،
اکين ۾ ٻري شل! حيا جو اُجالو.

گلابن سان ياري تون ڏسندين زمانا!
اسان جي هٿن ۾ نہ هوندو ڪو ڀالو!

اندر ۾ چٽيوسين چٽو نانءُ مڪلي،
اسان ٻيو نہ آندو چپن تي حوالو.

اڙي چنڊ اُن جي ڪهاڻي ٻُڌاءِ!
ٻٽو ٿهڪ جنهن جو رهيو آ نرالو.

سُتل هئي اکڙ ۾ ڪا خوابن جي مومل،
تِريءَ تي ٿي جاڳيو لڪيل ڪنهن جو نالو.

عجب منجهہ ونجي وئي آهہ بارش،
ڏسي اڄ گلابي بدن ڪنهن جو آلو!

اُهو ڪاڪ جي ڄا ڪُنوارين ڪي ڄاڻي،
ڪيو جنهن رِٽن جو ڪو ناهي ڪشالو!

ڪپيل تنهنجي ڇاتين جي ٿڃ جو قسم آ!
ڪندي نيٺ تاريخ تنهنجو ازالو!

ٻاڙهي ڳل تي هَٿ رکيوسين.
چڻ ململ تي هَٿ رکيوسين،

مهڪ هوا ۾ هُن جي پکڙي،
ويندڙ پَل تي هٿ رکيوسين!

سڀ ارپڻ جون نينڊون آيون،
باک تتل تي هَٿ رکيوسين!

هُن ويڙهيندي وار، نهاريو!
هانءَ اُجهل تي هَٿ رکيوسين!

الزامن جا بار وڌي ويا،
عشق رَتل تي هَٿ رکيوسين!

هُن کي ساندي روح ۾ رکبو،
رات غزل تي هَٿ رکيوسين!

ڏرمن پاسي دنيا ڊوڙي،
پاڻ سَچل تي هَٿ رکيوسين!

Scanned with CamScanner

پرين درد پنهنجو سمورو رکي آءُ!
اکين ۾ نه سپنو اڌورو رکي آءُ!

اِجهو ڳوٺ آهي ڳهر ۾ ڳڳاٽيو،
چپن ۾ نشو تون به پُورو رکي آءُ!

اچين ٿي ته پنهنجو تون سپني ۾ ساٿڻ،
بدن چنڊ هيٺان نه پُورو رکي آءُ!

هوا تيز آهي اڙي او اياڻا،
گُلن جي گسن تي نه ڪُورو رکي آءُ!

ملڻ جو مزو مهڪ تي آ وڇڻ ۾،
پکن ۾ نه موهه آڌورو رکي آءُ!

متان سنڌ بدذوقَ يلجي ڌُتارِن،
اُتي، باک سامهون طنبورو رکي آءُ!

Scanned with CamScanner

هڪ نظر مان چير آهي مون ٻُڌي،
ڪا اندر مان چير آهي مون ٻُڌي،

هُن پريو ڪو ساهه آ تڏڙو ڪٿي،
اڄ امبر مان چير آهي مون ٻُڌي!

ڄامشورا! تنهنجو آهي ڪرشمو،
هر پٿر مان چير آهي مون ٻُڌي!

ڪو اڌورو عشق تو پٿڪي اڃان،
شهبندر مان چير آهي مون ٻُڌي!

سا محبت جي ڪُتل آهي ڪٿا،
جنهن قبر مان چير آهي مون ٻُڌي!

خط شايد لکندي تو مُرڪيو پَئي،
هر اکر مان چير آهي مون ٻُڌي!

مُنهنجي دشمن جي اِهائي هار آ،
جو خنجر مان چير آهي مون ٻُڌي!

Scanned with CamScanner

سوا تنهنجي غم آ ڪَڙي سان سُتي،
چري پنهنجي دل جڻ ڳڙي سان سُتي،

هِي سانجهي جي ويلا، ڏنارن جي هُرڪُر،
ٻِني ياد آ هر چَڙي سان سُتي!

ڪٺي چيلهه تي هوءَ هلي ٿِي تڏهن،
وڃي سوچ آ تنهن گهڙي سان سُتي!

تڪيو چنڊ بينو انهيءَ کي اڃان،
ٽَري چوڪري جا پَڙي سان سُتي!

چُميا واءَ چوٽا لڙيءَ رات جو.
وڃي تات موهن ڏڙي سان سُتي!

سنڌوءَ کي زنجيرن وِڌا ونگ آهن،
تڏهن سنڌ آ سوکَهڙي سان سُتي!

Scanned with CamScanner

دل اَجهل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي،
هوءَ غزل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي،

هوءَ نہ نوري هئي، مگر ڪينجهر ڀُڄي،
هر ڪنول جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

اُن ڪي موسم وئي وساري، مُرڪ جا،
رڻ تتل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

ڪا اُفق جي رنگ جهڙي ڇوڪري،
سج لٿل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

لوڪ ڪي پاسي رکي هيءَ اڪ اُجي،
ڪنهن ڪَجل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

چنڊ سان اُلجهي اچانڪ سوچ آ،
هن ڏي هلجي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

Scanned with CamScanner

ڪَتن ڪي نہ لوڏيو
ڏڪن ڪي نہ لوڏيو.

ٿڪل شام آهي،
گسن کي نہ لوڏيو.

ڦهر آ اسان سان،
ڇَتن کي نہ لوڏيو.

ڦُٽل ڏيو گُلن کي،
بدن کي نہ لوڏيو.

وڇڻ جي گهڙي آ،
هَٿن کي نہ لوڏيو.

غدارن ۾ ويهي،
وطن کي نہ لوڏيو.

Scanned with CamScanner

عشق جي اسرار مان ٻاهون ڪڍون ته گنهگار ٿيون،
چنڊ جي پيار مان ٻاهون ڪڍون ته گنهگار ٿيون.

زخم جي ملن پيا ته يلي پيا مِلن سوين،
سُونهن بيقرار مان ٻاهون ڪڍون ته گنهگار ٿيون.

تنهنجو چهرو اکين ڪي اربي ويو آ معنيٰ ڪا،
تنهنجي مهڪار مان ٻاهون ڪڍون ته گنهگار ٿيون.

تُون اچين، اچين، اچين نه اچين جانم!
تنهنجي انتظار مان ٻاهون ڪڍون ته گنهگار ٿيون.

سچ ۽ خوشبوءِ جو موت ته ٿيڻو ئي ناهي،
اِنهيءَ اعتبار مان ٻاهون ڪڍون ته گنهگار ٿيون!

Scanned with CamScanner

ڪاسبي جو نگر، وڻ، پڙا، دادلا،
چيلهڙيون تا ڇُهن، سڀ گهڙا دادلا.

عرش جهڙي اُها، بوند جهڙو بدن،
لوڏ تي تا لُڏن، جهوپڙا دادلا!

توهرن تي اچا ٽيون سُڪن چولڙيون،
پٽونر پُليا ڦِرن، بي وڙا دادلا!

چنڊ! آ تون لهي، چنڊ! آ تون لهي،
رات پر تا پڪارن، چڙا دادلا!

”ڳوٺ“ ۽ ”هُل“ سُتا او مسافر پرين!
پر نہ آهن سُتا در، ڪڙا، دادلا!

ڏينگهرن تي چڏي دل سمهاري اسان،
درد ڏئي ويو پرين، روڪڙا دادلا!

سو تہ ڪافر ٿئي جيڪو توکي پُلي،
منهنجي موهن جا دلبر دڙا، دادلا!

فراقي پڇائيون پٽر تي وڃن تيون،
اچانڪ رهائيون پٽر تي وڃن تيون.

گلابن کي چاڙي هوا ڪا وڃي تي،
سڳنڌي کهائيون پٽر تي وڃن تيون.

ٽُٽي خواب پيرن ۾ وکري وڃن تا،
اکيون پوءِ ايائيون پٽر تي وڃن تيون.

نڪي هوءَ اچي تي، نہ موسم ڦِري تي،
سُکي رات رائيون، پٽر تي وڃن تيون.

بُڏن سان حياتين جو سودو ٿئي ٿو،
گلابي نيائيون، پٽر تي وڃن تيون.

وڃي چنڊ ٿو گهور ايڏي غضب جي،
ڪُنواريون مُهائيون پٽر تي وڃن تيون!

مهڪ تنهنجي مان مڃان ڪيئن دُور آ ڪا دُور آ،
يادگيري تنهنجي مون کي هر گهڙي ڀرپور آ.

تو نگاهن ۾ ڪنوارو ڪو رکيو آهي وچن،
چنڊُ تنهنجي ڳوٺ تي او سانوري! مخمور آ.

ڏس غلاظت جي گهٽين ۾ رات آهي دربدر،
تون اجالي جو حوالو، لوڪ ڀيو بي نورُ آ.

بيحسيءَ جي ياڪرن کي ڪجهه ڍلو ڪر وقت تون!
عاشقيءَ جي سڀ رُتن جو ويو ڇٽي ڏس ٻُور آ!

ڪونہ ڪنهن جي ڀي هٿن سان دور ٿيندو هي صنم!
دلبرين کي سانوٽين ۾ تو ڏنو جو سُور آ.

بدنصيلت آڱرين آهي جنجهوڙيو بي سبب،
سنڌ جي اتهاس جي اُرهن ۾ ڪيڏو سُور آ.

بي ضميريءَ جي نڙيءَ تي آ اسان نُنهن کي رکيو،
فيصلو سنڌ جي مٽي جيڪو ڪندي منظور آ!

Scanned with CamScanner

هر وقت حجابن ۾ ايذيون نہ ادائون رک،
طوفان اُتي پوندا، ڪجھہ نرم نگاهون رک!

ڳالهين جون هڙون تنهنجون بارش جي هوا جهڙيون،
ويڙهي نہ اُنهن ۾ تون، سانجهيءَ جون صدائون رک!

جيڪا بہ سزا چوندين، مُرڪي سا قبوليندس،
پر هينئن نہ صليبن تي محبوب وفائون رک!

رستن جي ضرورت آ، شامن جي طلب ساڳي،
نئين رُت جي گلابن جيئن ذلفن جون گهٽائون رک!

هر روز هوائن ۾، پيو درد نئون وچڙي،
ولڙن ۾ وڇوڙو آ، پنڇين جون پُڇائون رک!

تهذيب جي نئين چادر، پل روح تي اوڍي ڇڏ!
موهن جي دڙي جون پر ڪجھہ دل ۾ ڪٿائون رک!

ڪوئي نهي فسانو اُن ڪان اڳي ملون،
ٿوڙي چڏي زمانو اُن ڪان اڳي ملون.

بيدرد حادثن جا جاڳيل عذاب آهن،
دل ۾ لڳي ڪو ڪانُو اُن ڪان اڳي ملون.

پَهرن جو واءُ توکي مون کي وِڇي اُجهائي!
ڪوئي ڪري بهانو اُن ڪان اڳي ملون!

تون زرد لڙڪ چائين مان سرد رات بڻجان،
وينا رڙون روزانو اُن ڪان اڳي ملون!

بد ذوق نيڻ بينا گُل گُل تي روز اُلرن،
خوشبو ٿئي نشانو ان ڪان اڳي ملون!

بس پيار آهہ پنهنجو سڀ ڪجهہ گلاب جانان!
لُٽجي اِهو خزانو اُن ڪان اڳي ملون!

ڪا سار باغي، ڪا سار آتي، ڪا سار ڪاتي صفا رهي ٿي،
ايام اُلرن، عذاب اُيرن، اڃا بہ جاناں خفا رهي ٿي!

گلاب چئجي، ڪتاب چئجي، شفاف يا ڪو شراب چئجي،
صفا سراسر، لکن برابر، پرينءَ جي هڪڙي ادا رهي ٿي!

پتو بہ ناهي، خبر بہ ڪهڙي تہ ڪير وچڙي يا چيرِ سڌڪي،
اماس چارا، اداس تارا، اتاولي پئي هوا رهي ٿِي!

نہ چاندني آ، نہ دلبري ڪا، نہ رنگ آهن ٻريل دلين ۾،
ڦُليءَ ڦُليءَ تي لهوءَ ڦڙو آ، ٻُڌي ٻُڌي هر صدا رهي ٿي.

ڪا مهڪ چاڙي، نہ توکي آڻي، نہ عاشقيءَ جي ٿي چيچ تاڻي،
اُڏائي آسون، ڦٽائي نندون، بهار پيِ بيوفا رهي ٿي!

صداقتن ۾ خُدا رهي ٿو اُگهاڙيون پيِ اجايون ناهن،
تڏهن تہ سرمد! صديءَ صديءَ ۾ اجان بہ تنهنجي پُڇا رهي ٿي!

بدن بدن تي غليظ نظرون ڪنوارپڻ جا لباس ڦاٽل،
پرين کي چئجان او چندبہ گهايل! حنا تڏهن لاپتا رهي ٿي!

هوا کي ناز ڪيڏو آ انبن جو ٻُور پٽي ڇاڻي،
نماڻو ڳوٺ تنهنجو آ لٽو جنهن تي آ سڄ هاڻي!

اسان جي عاشقيءَ جي دل مسين هاڻي ساماڻي آ،
لکن جي لوڏ تنهنجي تي، پوي ٿي روز ڪنهن گهاڻي!

اکين ۾ ٻاک آرهڙ جي، ڇپن تي مُرڪ جا پوپٽ،
اسان کي آ ڇڏيو رولي تنهنجي مومل اِنهي ماڻي!

نظر جي قافلي ۾ آن، ڇوان ڪيئن فاصلي ۾ آن!
وڃي ٿو وقت ڇيرون ٿي، ڪِلين ٿِي جنهن ٻه ٽون ٽاڻي!

رنگن ۾ خواب هِن پويل سِبيا هن تو سوين ماڻا،
رِليءَ ۾ آ سڳنڌ تنهنجي، اڃي ڪيئن ننڊ پو هاڻي!

ڇنئي ڇڏ، جو ٻه ڇوٽو آ، ٻهانن کي پلائي اچ،
رڱن ۾ تون لهي پئو اچ! سياڻي ڪير تو جاڻي!!

ڪاڳلن سان واسطا هِن،
وحشتن ۾ معجزا هِن!

پيار ڪان پرتي وڃڻ سان،
حادثا ئي حادثا هِن.

ڇا ڪندي اوندهہ يلا هيءَ؟
چنڊ سان جو رابطا هِن!

ساڻ ناهين تون، لڳي ٿو
ڪربلا ڏي قافلا هِن.

تو نهاريو ٿهر تي ويو،
روح لفظن جا خَطا هِن.

دل هٿن مان پئي وڃي ٿي،
تو اچڻ جا آسرا هِن.

❖

Scanned with CamScanner

ستارن جي پڪَ ۾ سُتيون چاهتون،
ڪُلي اڪ تہ سُڏڪي اُٿيون چاهتون.

نہ چندر ساڻ چرچا، نہ ننڊ ساڻ ناتا،
اسان ڪان الئہ ڪٿ رُنيون چاهتون!

اڙي وقت! تو سان نبيرو ڪبو،
گهٽيون نو بہ آهن گهٽيون چاهتون!

ڪو دردن ۽ زخمن ڪي سيبا هٽي،
ڪو مرڪي پڇي چو لُٽيون چاهتون!

تون ريتن جي راتين ۾ وڪجي وئينءَ،
۽ رستن ۾ آهن ٿُٽيون چاهتون!

رهيو خيالُ خوشبو سندو ياڪرين،
دل جي هر ڪُنڊ ۾ هِن ڦٽيون چاهتون!

Scanned with CamScanner

چپن تي ٻري تي ڪَٿا منتشر ڪا،
هوائن ۾ آهي وفا منتشر ڪا.

سُتو دل جي آهي اگهڻ ۾ وڇوڙو،
مون کان ڇيگري آ جُدا منتشر ڪا.

اجا خودڪشيءَ جي آ موسم سفر ۾،
اجا سنڌ آهي صفا مُنتشر ڪا.

چري! چڏ تہ راتين جا رولاڪ مُرڪن،
ڪرين چو تِي پنهنجي ادا مُنتشر ڪا!

اُجين سانجهڙين ۾ نظارا رڙن تا،
تريلين جي آهي گهٽا مُنتشر ڪا!

نڪي پهڻ ڳاري نہ ڪا ٻاهہ ٻاري،
اسان جي تہ آهي صدا مُنتشر ڪا!

رڳو سوڳ دل جو ستارن سُڃاتو،
ڪڏهن ٻي اسان کي زماني نه ڄاتو!

ٻُڌاسين ته رڻ جا سنيها ٻُڌاسين،
اندر جي وطن ۾ رهيو روح آتو!

نه ڪنهن جي عبادت ڪڏهن دل اُجاڙي،
اوهان جي اکين مان اکين چينَ پاتو!

اوهان وار ويڙهي هتان ڪان هليا ويا،
غمن ۾ ٻُڏي ويو مسافر ڪو ناتو!

وري اڄ تصور ۾ ڪوئي لهي پيو،
وري سانجهه سُرمو اکين ۾ آ پاتو!

تڏهن دل سڄي آ اندر ۾ لُڏي وئي،
جڏهن ڪنهن پٿائي آسر جو آ ڳاتو!

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

خزائون ئي خزائون هِن مِني موسم تَڙيل آهي،
رڳو هي دل سڙي ناهي، سڄي چاهت سَڙيل آهي.

گهڙين ۾ زهر جاڳي ٿو، اڃا پي ڦهر جاڳي ٿو،
اسان جا پهر هِن قيدي، اڃا هوءَ ڪاوڙيل آهي!

ذهن جا عڪس سڀ آلا گلابي خواب نيڻن ۾،
شرابي عشق ۾ ايڏي اڃا هِي دل اڙيل آهي!

اکين ۾ ڪائناتون ۽ بدن ۾ صُبح جا جلوا،
خُدا جي جڻ نه فرصت ۾ اُها ويهي گهڙيل آهي!

چِتا جو هُن چِڏيا چوڙي، پيو ماحول مُرڪي آ،
ڏهر ۾ پيا ٻرن ڏيئا، مٿان سانجهي لڙيل آهي!

ملي آ چير تون پائي، پٽائيءَ جون سٿون ڳائي،
غضب جو پهر آ پيارا! ستارن سان جَڙيل آهي!

◆

هُو دَمُ نہ لٿو دل تان،
هي غَمُ نہ لٿو دل تان،

سچ آيا وِيا اُلهي،
ماتمُ نہ لٿو دل تان!

ڀڳوان، خُدا، وسريا،
آدمُ نہ لٿو دل تان!

مَن ياد اوهان جيءَ جو،
آگمُ نہ لٿو دل تان!

چاهيمُ تہ ڀُلائيندُس،
لاتمُ، نہ لٿو دل تان!

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

ايندا رهيا عذاب، اکيون تڙپنديون رهيون،
لکبا رهيا ڪتاب، اکيون تڙپنديون رهيون،

هر گام تي حَوس جو ايڏو رهيو تماشو،
تڪبا رهيا شباب، اکيون تڙپنديون رهيون،

رستن تي سوڳ ساڳيو، ساڳي اُداس خوشبو،
آيا نہ انقلاب، اکيون تڙپنديون رهيون،

جن ڪاڻ درد پوڄيا، جن لاءِ شام ٿياسين،
وڪريا اُهي ئي خواب، اکيون تڙپنديون رهيون،

مان آسرن جي اُس ۾، بيٺو رهيس اڪيلو،
اربيا نہ تو گُلاب، اکيون تڙپنديون رهيون،

تشبيھ تِن کي ڪهڙي آخر ڏجي ڪُنواري،
هُن جا ڏسي حجاب، اکيون تڙپنديون رهيون!

زخم هِي پراڻا رهيا ئي رهيا هِن،
وڇوڙن جا گهاٽا رهيا ئي رهيا هِن.

اُجي روح جي هِن اُداسيءَ جو ڪارڻ،
گُلن جهڙا ماڻا رهيا ئي رهيا هِن.

ملي پر حجابن ۾ ايڏي ملي جو
عذابن ۾ تاڻا رهيا ئي رهيا هِن.

اها يادگيريءَ جي آهي نوازش،
پُسيل ڪي وهاڻا رهيا ئي رهيا هِن.

اسان سنڌ وارن لئه اڪثر ايوب،
جبر، جيل، تاڻا رهيا ئي رهيا هِن.

❖

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

دلفريبين جا ڪيڏا وڳر تا ورن،
ڪاسبي تان اُتي اڄ ڪڪر تا ورن!

تنهنجي جوڀن ۾ آهي اُني جي مهڪ،
تُنهنجا ڪيڏا هوا ۾ اثر تا ورن!

رات خاموش ۾ تنهنجي پويان رُلي،
پير منهنجا پرين! دربدر تا ورن!

سُونهن جي آ نظر جو اِهو معجزو،
عاشقيءَ جي گسن ڏي پٿر تا ورن!

اُن ڪي چئجو سنپالي اکين کي هلي!
ڄامشوري ڏي جنهن جا سفر تا ورن!

ڪوڙ ڄَر تي ڏيئا روز باسون، آڪا،
ڪينَ دل جا پرين پر پڌر تا ورن!

ڪلهه ڪراچي سڙي، اڄ سِنڌو سُڪو
سنڌ تي ئي رڳو ڇو ڏمر تا ورن!؟

سانجهه ٿيندي پکين جيئن اُڏامي ڪتان،
درد تنهنجا پرين، دل جي گهر تا ورن!

❖

تتل تماشا ڏسڻ ۾ آيا، چپن جون چِرڪي لِڪيون ادائون،
ذليل روپن گلاب جهڙيون اسان ڪان پرتي ڏِڪيون ادائون،

اکين تي آهي عجيب گذريو، هي سوڳ ڪيڏو ذليل گذريو،
چون ٿا چپڙن نراس ٻٽجي پنهنجون ڪي آهن وِڪيون ادائون!

بهار ۾ ڪا بهار ناهي، نهار چنڊ جي قرار ناهي،
چِڳُن ۾ ڪائي ڦُلار ناهي، جتي ڪِٿي هن ڦِڪيون ادائون!

نه هوش تنهن پل هوا سنڀاليو، نه رات پوءِ آ ڪٿي گذاريو،
جڏهن به هُن جي ڪنواري مک تي خمار ٻٽجي ٽڪيون ادائون؛

ڪٿي مسافر پري هليا ويا جڏهن مٽيءَ جو هڳاءُ هلڪو،
ٻُڏوسين راتيون رُنيون اڪيليون، ٻُڏوسين پويان سِڪيون ادائون!

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

رهيو پيار جنهن جو آ ساڳيو ڪُنوارو،
اکين تِنهن سان هر خواب واڳيو ڪُنوارو.

نہ عنوان جنهن جو، نہ جنهن جي پُڄاڻي،
اسان سوڳ آهي سو جهاڳيو ڪُنوارو.

ڏسي چنڊ آڌيءَ جو تو بن اڪيلو،
پرين! درد آهي ڪو جاڳيو ڪُنوارو.

اُهي هٿ چمڻ جي تمنا پئي جاڳي،
جنين گهر منٺيءَ جو آ راڳيو ڪُنوارو!

گلابي رُتن جي سڙي وئي ڪهاڻي،
بدن ڪالهہ وحشيءَ ڪو داڳيو ڪُنوارو!

Scanned with CamScanner

بُڌاءِ! ڪيسيتائين هو تڪجن ستارا؟
اڙي رات! ڏئي وڃ ڪي سپنا اُڌارا!

الئہ ڪِٿ گلابن جي موسم رهي ٿي؟
اسان جا اجا پيٖ غمن ۾ گُذارا!

نہ دريا مان ڍاپيا، نہ بارش سنياليا،
رهيا روح پنهنجا ازل کان اُڃارا!

سڄي وئي خدائي آ خوشبوءِ ۾ ڏڪجي،
ڪيا تو جڏهن پيٖ ڪلي ڪي اشارا!

اوهان جي اکين جي تڏهن ياد آئي،
ٿِڙي پيا سِرنهن ۾ جڏهن قول سارا!

ڪجي ڇا خزان جو زمانو آ اهڙو،
ڇٽي ٿا وڃن خواب اڪثر ڪُنوارا!

اوهان جي شهر ۾ اسان ئي نہ تنها،
اوهان کي الئہ ڇو اجا پيٖ وسارا!

sooriisindhiadab

Scanned with CamScanner

گلابي بدن ۽ ڪُنواريون نگاهون،
لڳو چڻ، بهارن اُلاريون نگاهون،

سوين چنڊ جن ۾، لکين مَنڊ جن ۾،
اُهي ڪيئن پلاسي وساريون نگاهون!

حُسن جي سنڌوءَ ۾ ٻُڏي چڻ لڳو آ،
ازل کان اسان جون اُڃاريون نگاهون!

جڏهن کان اوهان سان جَڙيو جيءُ آهي،
اسان، ياد ناهي سُمهاريون نگاهون!

رڳو بيخياليءَ جي برکا وسي ٿي،
ڪُهي ڪي ويون هِن ڪُنواريون نگاهون!

حياتيءَ جي اونده ۾ روشن ٿيون هِن،
اسان لئه اوهان جون ڏياريون نگاهون!

وڏي بدنصيب آ حياتي اُها ئي،
پيون جنهن تي ناهن ڪي پياريون نگاهون!

Scanned with CamScanner

ستارا پکيڙي سنجها ٿِي وڃي ٿي،
سموري خدائي صدا ٿِي وڃي ٿي.

ذهن يادگيرين جي رڻ ۾ رُلي ٿو،
سڄي رات اڪثر سزا ٿِي وڃي ٿي.

نيَن موسمن ۾ نياپا اچن ٿا،
اکين جي عبادت ادا ٿِي وڃي ٿِي.

سڄو پيار هُن جو نظر ۾ گُهمي ٿو،
سکي! آرسي جڻ صفا ٿِي وڃي ٿي.

رُتن سان جڏهن تون تسم سان کِلين ٿي،
خدائي هٿن جا ڇَلا ٿِي وڃي ٿي.

اکين سان گلابي اکيون هي ملن ٿيون،
محبت اُني جي هوا ٿِي وڃي ٿي!

حياتي ستارن جو سُڏڪو لڳي ٿي،
جڏهن دلربا، بيوفا ٿي وڃي ٿي!

اسان لئه جدائيءَ جي موسم پرين!
مُهن جي دڙي جي ڪٿا ٿِي وڃي ٿي!

❖

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

وحشتن آ گلابن کي ساڙي ڇڏيو،
هيل موسم بہ خوابن کي ساڙي ڇڏيو،

نفرتن جي نڊڪي پنيث او پرين!
زندگيءَ جي ڪتابن کي ساڙي ڇڏيو،

يا تہ پنهنجين اکين کي سنڀاليو اوهان،
يا تہ پنهنجن نقابن کي ساڙي ڇڏيو!

محبتن کي تہ زخمي ڪرڻ جُرم آ،
ٿي سگهي جي حجابن کي ساڙي ڇڏيو!

مُرڪ هُن جي ۾ جادو ڪو اهڙو هُيو،
منهنجي سوالن جوابن کي ساڙي ڇڏيو!

سُور آهن سهڻ کان وَڌي هي ويا،
يار! گڏجي عذابن کي ساڙي ڇڏيو!

❖

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

يدمن: صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

نظم

Scanned with CamScanner

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو
جئين روپا ماڙيون لوڪ تڪي!
ڪو دودو پڙڪي دانهن ڪري،
هِن رڻ پٽ ڪي ڪا جاڳ اچي!

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو
سوچن کي اڙايو مقتل سان،
شعلن کي سمايو ٻوليءَ ۾
تاريخ درن تي ٻيٺي آ،
ڪي قول وجهو اُن جهوليءَ ۾!

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

ڪو خاموشين ۾ ساھ وجھو!
بدبخت اگھاڙين راتين ۾،
زنجير ٽُٽڻ جي ڳالھ هلي،
ڪي ديوارن ۾ ڏار پون،
مهڪار اُٿڻ جي ڳالھ هلي!

ڪو خاموشين ۾ ساھ وجھو
مينديءَ ڪي هٿي ڪا پيرن تي،
ساحل جي هوا ۾ پيار ڪري،
گھاگھر ڪي ڪلي ڪا چيلھ چمي،
هر پار پرينءَ جو خيال ٻري!

ڪو خاموشين ۾ ساھ وجھو
ڪي اوڍي ريٽي اجرڪ ڪي،
۽ اوجاڳن جا ڳوٺ گھمن!
ڪجھ تارن ۾ تڪرار ٿين،
محبوب رِلين تي زلف ڳُڏن!

ڪو خاموشين ۾ ساھ وجھو
ڪا واهونديءَ ۾ ڇير وڄي،
بيتاب اُٿي ڪو تمر چوي،
ڏس هاڻ پٽائي، سنڌڙيءَ تي،
پيو ڳاڙهو سورج ڳاٽ ڪٽي!

❖

ڪٿي هن درد کي رکجي!

ڪٿي هِن درد کي رکجي!
پکين جا پير سمنڊن ڏي،
اچن ٿا ڪونہ شامن ۾!
هوا ۾ بُوءِ دونهين جي،
روئي ٿِي مات لامن ۾!
ڪِٿي هن درد کي رکجي!

پريءَ جي ڪنهن کهاڻيءَ کي،
ٻُڌي ڪو ڪونہ بالڪ ٿو،
سرءُ جي گرم آڌيءَ مان،
ڦُٽي ٿو سنڌ جو سُڏڪو!
ڪِٿي هِن درد کي رکجي!

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

عجب آ ماتمي موسم،
وڏي آ ڏوڙ رستن تي،
گسن ۾ اجنبي ڇُر پُر،
نهاري ڪير ڪَتبن کي
ڪِٿي هِن درد کي رکجي!

نہ ساحل ڪوبہ واندو آ،
نہ ٻيڙي ڪابہ خالي آ،
نہ تارو ڪوبہ ظاهر آ،
نہ ڪائي ڳل تي لالي آ،
ڪِٿي هِن درد کي رکجي!

نڪوري نينهن جي نينگر،
رڙي تي روز ماٽن ۾!
سڙن تا پير ساهن جا،
پوي ٿو روح گهاٽن ۾،
ڪِٿي هن درد کي رکجي!

نہ ياري آ بهارن سان.
نہ ويجهائي گهٽائن سان،
پُڇايون ڇا هوائن کان!
ٻُڏائي ڪو نگاهن سان،
ڪِٿي هِن درد کي لِکجي!
ڪِٿي هِن درد کي رکجي!

توڏي رتوچاڻ اچون ٿا!

سُج لُٽيو آ باک ڦُٽي جو ڳاڙهو ڳل،
پيار ڇِڪي تو لِهرن وانگي هر ڪنهن پَل،
مهڪارن جو پاند سڙي ٿو آرهڙ ۾،
رستن ۾ هِن ڪيئي مقتل ڪئين دلدل،
ننگا شيشا پوءِ بہ لتاڙي پاڻ اچون ٿا،
هر موسم ۾ توڏي رتوچاڻ اچون ٿا!

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

اُڄ جي موسم آهي هر ڪنهن واڙي ۾،
چانڊوڪي وئي ڦُرجي آهي ڏاڙي ۾،
دل جي وستي ۾ آ تُنهنجو خيمو ڪو،
ننڊ جا ناهن پير اکين جي پاڙي ۾!
اُڪري وحشت واري هر آلاڻ اچون ٿا،
هر موسم ۾ توڏي رَتو چاڻ اچون ٿا!

تو ۾ دريا تو ۾ ساحل، تو ۾ گُل،
سُندرتا جا روپ ڪنوارا، تو ۾ ڪُل،
تُنهنجون ٻانهون جڻ تہ سنيها فطرت جا،
ٻيو سڀ آهي ڪوڙ نِسورو تون ئي اَصُل،
تنهنجي مُرڪن، تُنهنجيءَ خوشبوءَ ڪاڻ اچون ٿا!
هر موسم ۾ توڏي رَتوچاڻ اچون ٿا!

وَڍ وجهن ٿا ڪڙندڙ تارا ڦَجُرَن جا،
واٽن تي پيا ڦُول چِٽن ٿا ٻَبُرَن جا،
زرد هوا جي ٻوليءَ ۾ آ زهر ڪڙو،
جاڳيل آهن پنڌ اُجارين نظرن جا،
بند گهٽين ۾ عشق گلابيءَ ساڻ اچون ٿا،
هر موسم ۾ توڏي رتوچاڻ اچون ٿا!!

◆

وڃي هي ٻُڌايو!

وڃي اڄرڪن جي اکين کي ٻُڌايو،
اڃا خلجين جون نگاهون ٻرن ٿيون،
اڃا لاڙ لڙڪن جي موسم ۾ آهي،
اڃا ديبلن ذي دغائون ورن ٿيون،
وڃي ڇيڳرين جي سڳين کي ٻُڌايو،

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

اجا سي نموريون ڳُتيون ڪونہ آهن،
ڳنڍي وار جن سان، مجازن کي ٻڪجي،
حيائن کي ڍڪجي ۽ نازن کي ٻڪجي،
اجا منزلون پي ڪُٺيون ڪونہ آهن،
اجا عاشقيون بس اڌوريون ئي آهن،
ليارن تي ڳاڙهاڻ ناهي لٿي ڪا،
گسن تي بہ سُرهاڻ ناهي لٿي ڪا،
اوجاڳن ۾ وستيون سموريون ئي آهن،
وڃي بارشن کي اِهو بس ٻُڌايو،
اڃان نيرڳين جي پرن جا پڙاڏا،
نگاهن جي اُپ تي اُڏاڻا نہ آهن،
نڪي مور ٽڙ ۾ ڪيو ناچ آهي،
اجا سانورين جا بہ ماڻا نہ آهن،
اجا لوڪ گيتن جا غمتار جُملا،
هوائن جي مستيءَ جو لهجو پُڇن تا،
اجا چنڊ آڏين جو چورو لڳي تو،
اجا خواب ڪينجهر جي ڪپ تي رُلن تا،
وڃي ساحلن جي سڏن کي ٻُڌايو،
نہ دل کي رُلايو، نہ خود کي ڀُلايو،
رڳو دلبرين کي وڃي هي ٻُڌايو:
اجا آئي ناهي گلابن جي موسم!
اجا سنڌ ۾ آ عذابن جي موسم!!

❖

ڊسمبر تو بنا ڪهڙو!

ڊسمبر تو بنا ڪهڙو!
وفا جا ورق اُڏرن ٿا،
ڪٿا جا فرق اُلرن ٿا،
اڌوري عاشقيءَ جهڙو،
ڊسمبر تو بنا ڪهڙو!
ڊسمبر تو بنا اهڙو،

soorinsindhiadab

Scanned with CamScanner

هجي ڇڻ پار جو لاشو،
وڇوڙيل ڪونج لئہ ڪاچو،
اکن تي رات اونداهي،
گٽر ۾ چنڊ جو پاچو!
ڊسمبر تو بنا اهڙو.

گگهي جي گهير جو سُڏڪو!
اگهاڙيءَ پير جو سُڏڪو!
دريا جي سوڪ جو منظر،
اڪيلي پير جو سُڏڪو!
ڊسمبر تو بنا اهڙو.

عاشوري شام جا جهنڊا،
ڏيئي تي خون جا ڇنڊا،
پراڻي پيار جي اُڻ تُڻ،
گسن تي پاهرا ڪندا،
ڊسمبر تو بنا اهڙو.

سفر جي راهہ ۾ رڻ پٽ،
پُسيل برسات ۾ ڪونيٽ،
ستارو آخري اُپ جو،
هٿن ۾ پار جي پوپٽ،
قبر تي چانڊنيءَ جهڙو!
ڊسمبر تو بنا اهڙو!!

نئين ڳالهہ ڪر تُون...!

نہ جاڳاءِ خوابن جي تاريخ ڪي تُون!
سُمهڻ ڏي هي جذبن جا معصوم چهرا،
ڦلهوري ڪندين ڇا تون دل جي وطن کي،
اکين کي ڦٽيندڙ اُداسين جا پاڇا!
ڇڏي ڏي اُنهن کي پڙهڻ جي هِي ڪوشش،
هوا بند آهي ۽ موسم آ مُنڪر،
رڳو سرد راتين جون دانهون رُلن ٿيون،
ڇڏي ڏي ڏُکن کي نهارڻ جي ڪوشش!
نهاري ڪندين ڇا هِي ڪَتبا اُجاڙيل،
وڃائي ڇڏيندين وَصُل جي گهڙين کي،

soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner

اجان بارشن ۾ گهڻو وقت آهي،
پَهو ڪونہ ملندو ڦٽن جي ڪَڙين کي،
تُون معصوم، اڻڄاڻ، سادي بہ آهين،
صفا تورڙي پي نہ توکي خبر آ،
اسان جي اندر ۾ ڪي شمشان آهن!
مٽيءَ جون کهاٽيون ڪي ويران آهن،
نہ ٽي ديپ ميرا، نہ ٽي گيت آهن،
پڳل، بيحسين سان ڪي گلدان آهن،
اوجاڳيل اسان ۾ ڪا مڪلي بہ آهي!
ڪا سنڌوءَ جي چولي، ڪا تجلي بہ آهي!
پکين جا آکيرا، نہ ٽي ڪنب آهن،
ڪاهوءَ جو دڙو، ڪائي ٽلتي بہ آهي،
اسان جي اندر ۾ مُئل مور آهن،
پرين پيار تُنهنجو، سوين دوُر آهن!
او تنهنجين لڄارين اکين جو قسم آ،
نہ تنهنجو بہ چهرو اندر منجهہ آهي!
پِني نرم ساهن جي مهڪار تازي،
هينئين جي گلابي مندر منجهہ آهي!
ڇڏي ڏي غمن جي سفر جون پُڇائون،
متان درد توکي ڇڏي کو وڃائي!
ڇڏي ڏي ڇڏي ڏي رڻن جي حِصن کي!
ڇڏي ڏي او جانم! اندر جي قصن کي،
ڇگو آ نہ پيو کوبہ احوال ڪَر تُون!
زمانو وڏو آ نئين ڳالهہ ڪَر تُون!!

هينئين تي لاڙ ليٿي پيو!

اکين ۾ عاشقيءَ مُرڪيو،
هينئين تي لاڙ ليٿي پيو!

ٻُڏين تي او ڪنول جهڙي!
حياتي تو سوا ڪهڙي،
نهاريو شام ڏاڻي تو،
هينئين تي لاڙ ليٿي پيو!

ڇڏيا هِي وار تو ڇوڙي،
ويو احساس سڀ روڙي،
ڪنوارو تهڪ موسم جو!
هينئين تي لاڙ ليٿي پيو!

اُڏي آڙي بدن ميڙي،
نهارن ۾ وچن ميڙي،
اچي وئي ياد تنهنجي پو!
هينئين تي لاڙ ليٿي پيو!

نہ تارن کي خبر آهي،
نہ چارن کي خبر آهي،
نہ ڄاڻين تون بہ منوا ڇو!
هينئين تي لاڙ ليٿي پيو!

هوا ۾ هوڙ جي خوشبو،
پرينءَ جي لوڏ جي خوشبو،
اچي ويو ياد ڀاڪر ڪو،
هينئين تي لاڙ ليٿي پيو!

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

نهوڙي ڇڏيو يادگيرين

سنڌوءَ تي ڪنوارين ڏکها زُلف واريا،
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!
نگاهن شبابن جا نقشا اُتاريا،
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

درن تي ڦُلاريون چنبيليءَ جون لامون،
ڪٽي سوڳ آيون پکين جون اُڏامون،
گلابي هٿن تي ٻتي ديپ ٻاريا!
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

لٿو سج تہ سُڏڪيو سڄو ڄامشورو،
نہ خوشبو جو ميڙو، نہ ٿهڪن هندورو،
رڳو واءُ رستن تي ڪاڳر اُڏاريا،
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

پٿر جو زمانو، پٿر جون ڪهاڻيون،
گلابن جي بدلي هِي خنجر وراڻيون،
سڳنڌ ڏينهن ڪارين سڳين ۾ گُذاريا،
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

نهاري هٿن جون لڪيرون اُتياسين،
جفائن جي رڻ کي وساري رُلياسين،
وڇوڙن جا دل تي ستارا خُماريا،
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!!

❖

Scanned with CamScanner

وري اچ.....!!

وري اچ تہ اُڃ جي تتي ڪا پڇاڙي،
ايامن کان ناهي اُتي ڪا بہ خوشبو،
وڻن پي نہ آهي تڏي ڇانوَ ڇاڻي،
عذابن جون آهن گھڙيون روبرو!
وري اچ تہ موسم گسن کي ڦلاري،
ڏسي توکي تارا ٻري لڙڪڙائن،
اسَاري ڏکڻ کي اچي چين ڪوئي،
ٻُڌي توکي ڇارا نري گُنگنائن.
وري اچ تہ تورو اُهي مُسڪرائن،
پکي، جن جي پويان لڳل باز آهن،
اُهي قول تورو بدن کي لُڏائن،
خزائن ۾ جن جا ٻُڌا ناز آهن.
ڪٿي اچ اُهي زُلف جن جي گھٽين ۾،
سڳنڌ جي صدائن جي مستي رهي تي.
وٺي اچ اُهي چپ جن جي رنگت ۾،
گلابن جي پوري ڪا وستي رهي تي.
اُگھي اچ اهي نيڻ جن جو تصور،
صليبن جون سختيون گھٽائي ڇڏي تو!
ڪٿي اَچ اُهي آڱريون جن جو ڦٽڪو،
وفا جون ڄمارون وڌائي ڇڏي تو،
وري اچ تہ ڳالهيون اڌوريون اڌوريون،
پڄن چاندني جي اچي نُور تائين،
لهي بيوفائي جي بت ۾ چرو ڪو،
اُتي ٿهڪ کُھنبا وڃن دور تائين،
وري اچ تہ سُڃ جي، تتي ڪا پڇاڙي!

هلو تہ رَت جو ڪٽون پيرو!

هلو تہ رَت جو ڪٽون ڪو پيرو!
جهَپي جهُڙالي وئي ستارا،
اڪين مان آگم رُڳو سِمي ٿو،
دريءَ دريءَ تي نندن جو آرو،
ٽريءَ ٽِريءَ مان لهي ٽِمي ٿو،
گهڙيءَ گهڙيءَ جو ڪفن آ ميرو،
هلو تہ رَت جو ڪٽون ڪو پيرو!

Scanned with CamScanner

هِي چيچ ڪنهن جي هي پير ڪنهن جا؟
هِي ليڙ اجرڪ، هي چير ڪنهن جا؟
مٽي تي چمڪي تي ڪائي ڦُلڙي،
اڱڻ تي ڳوڙها هي ڏير ڪنهنجا؟

هِي لاش ڪنهنجو، هي ڪنهنجو پيـرو؟
هلو تہ رَت جو ڪـٽـون ڪو پيــرو!

مسافرن جي ڪٿا بہ ڪهڙي،
ڪو باهہ ٻاريو ۽ ڪاهہ ماريو،
چُميءَ چُميءَ جي گلاب پويان،
ڪو راهہ ڳاريو، ڪو چاهہ ڪاريو،
ملڻ جو ناهي ڪٿي سويرو،
هلو تہ رَت جو ڪٽون ڪو پيرو!

نہ مقتلن ڏي نهاري ڪوئي،
نہ خنجرن کي سُنهاري ڪوئي،
شهيد موسم مٿان اُيي آ،
نہ ديپ گهر ۾ تو ٻاري ڪوئي،
چپن تان چُپ جو هٽايو گهيرو!
هلو تہ رَت جو ڪٽون ڪو پيرو!
(ڪاروڪاريءَ خلاف)

❖

Scanned with CamScanner

ڪيئن ڪٽي ڪا چادر ڪي!؟

مدهوش رُتن جي ڳالهه نه ڪر!
هِن نگريءَ جي ويرانيءَ ۾،
چُوڙين جي ٽُٽڻ جو ماتم آ،
هر آڱر جي حيرانيءَ ۾!
روپوش سڳند جا پير ڪٽي،
ڪو ٿهڪ سڙي ٿو ڪاچي ۾،
ڪنهن چانوَ جو ناهي نانءُ ڪِٿي،
ڪو ناهي ڪنهن جي پاڇي ۾،
مدهوش رُتن جي ڳالهه نه ڪَر!
هر گهاٽ تي آهي سُڄ سُتي،
پو ڪيئن ڪٽي ڪا گهاگهر ڪي!
هر واٽ تي آهي اُس اُيي،
چئو، ڪيئن ڪٽي ڪا چادر ڪي!
هُو سجَ اُگهاڙي ٽاڪن ۾،
ٿو دانهن ٻُڌي هر پوپٽ جي،
هر رات ڪَتين جو قلم ڪٽي،
تاريخ لکي ٿي رڻ پَٽ جي!
خاموش ڳُتن جي ڳالهه نه ڪر!
ڏس عشق سڙي پيو ٽاندڻ تي،
گُل پوش ٻُتن جي ڳالهه نه ڪر!
ڪو چين نه آهي خوابن کي،
مدهوش رُتن جي ڳالهه نه ڪر!

Scanned with CamScanner

ٻُڌين تي اڙي دل....!

ٻُڌين تي اڙي دل! ٻُڌين تي اڙي دل!
ڪي گولين جا آواز، سهڪا، درن ۾،
ءِ مڪروهه ماڻهن جون فتوائون قاتل،
ڦِرن تيون اگهاڙيون عبادت گهرن ۾،
ٻُڌين تي اڙي دل! ٻَڌين تي اڙي دل!

مزارن حويلين جون ٻرندڙ ڪٿائون،
ڪڏهن سوجهرن ۾، ڪڏهن اوجهرن ۾،
ڪراڙن هٿن ۾ جوانين جا سڏڪا،
ڪڏهن آڳرن ۾، ڪڏهن جهوپڙن ۾،
ٻُڌين تي اڙي دل! ٻُڌين تي اڙي دل!

ڪي اُرهن جي پنجڙ جا غمناڪ چُلڪا،
وڪاميل چپن جي هو سُس پُس جهڙالي،
دلالن جي ٺهڪن جا مدهوش ڦُسڪا،
ٻُڌين تي اڙي دل! ٻُڌين-تي اڙي دل!

Scanned with CamScanner

شرابين جون گاريون، اڇوتنِ جا سڏڪا،
گٽر ۾ بنا پيءُ بالڪ جو ٿڦڪو،
بڪايل ۽ معذور ننڍڙين جا راڙا،
ٻڌين ٿي اڙي دل! ٻڌين ٿي اڙي دل!

هي چونڪن ۾ ٽئنڪن تي مغرور تبرا،
۽ ائٽم بمن جي هٽڻ جون صدائون،
جنگين جي حقن ۾ جلوسن جا نعرا،
ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻُڌين ٿي اڙي دل!

لڳي ٿو ته زنگجي ويا ذهن آهن،
وڃي ڪون ٿو ڪنهن به ويٺا جو پٽڪو،
نه مُرلي جو لهرو، نه چٽڪي جو چُٽڪو،
پڳل جڻ ته آهن سيئي چير، چُوڙيون،

ڪٿي ڪون آهي ڪو محبوب جملو،
ٻُڌاءِ ڪهڙي منهن سان ڪٿائن ۾ لڪجي،
ته مهذب پٽي جي قطارن ۾ آهيون!
اُتي چو نه هاٺي منافق رُتن ۾،

سُنو آ ته سيني درن تي هي لڪجي،
"اسان ماٺيي کي چڏيو آهه وڪٽي،
اسان بيحسن جي بزارن ۾ آهيون!"
ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻڌين ٿي اڙي دل!

❖

ادائون تون نہ جي ڇُهندين

پرين بيتاب جي ٽيندين، هوائون لاش تي وينديون،
سوين ڪتبا نهي پوندا، ڪٿائون لاش تي ويندیون،
جفا جو هي زمانو آ، پرهہ ۾ پيار تا وچڙن،
بدن تي زخم ڪئين اوڏي وچن هر بار تا وچڙن،
وڃيون تنهنجون نہ جي چوڙيون، صدائون لاش تي ويندیون،
اکين سان ڪجهہ نہ جي چوندين، هوائون لاش تي ويندیون!

ڏسي ڇڏ رات آليءَ جا اشارا تا اچا سُڏڪن،
سفر خاموش تي ويو آ، مسافر ڪونہ تا پُٽڪن،
دريا ڪي اُڃ ماريو آ، لهر ڪنهن لوڏ ۾ ناهي،
نڪوري بي چئي چم چم، چُمين جي ٻوڏ ۾ ناهي،
ٻهارون تو بہ جي روليون، ڏسائون لاش تي ويندیون،
نگاهون تُون نہ جي ڪٽندين، هوائون لاش تي ويندیون!

صليبي زرد موسم جي هٿن تي خون تازو آ،
ڪميٽپ جي ڪلهن تي ڏس ڪنوارپ جو جنازو آ،
پُسيل محبوب خوابن جا اگهاڙا ڳوٺ سڀ آهن،
نراسائي سُتي پئي آ، زبانون نوٽ سڀ آهن،
خزائون تو نہ هي روڪيون، وفائون لاش تي ويندیون،
ادائون تون نہ جي ڇهندين، هوائون لاش تي ويندیون.

مٺي! جي ٿهڪ چوڙيندينءَ قسم تنهنجي نرالپ جو،
سمورا قهر ٻوڙيندينءَ، چِتائون لاش تي ويندیون،
رڳو مايوس جي رهندينءَ، گهٽائون لاش تي ويندیون،
ڪلائون لاش تي ويندیون، پُچائون لاش تي ويندیون!

❖

هڪ پَل جي لاءِ!

مجان تو آپسرا آهين،
ستمگر ڄامشوري جي،
ڇڏي تئي ننڊ ٻوڙائي،
هوائن جي هندوري جي!
مجان تو عاشقيون اوتي،
ستارن سان گلابن سان،
ڪنارن سان عقابن سان،
گهٽن ئي دلربا لفظن،
ڇڏيو آ توکي پيٽائي،
ڏنو آ توکي پيٽائي،
مگر آ التجا، جانم!
هينئين تي سنڌ ليٽائي،
ءِ وائيءَ کي پڙهي ڏِس تون!
پٽائيءَ کي پڙهي ڏس تون!
سموندي رات جي اُڻ تُڻ،
رکي ڏس پنهنجي سيني ۾،
تصور ڪر دريائن جو،
ڊسمبر جي مهيني ۾،
وڇوڙا تو ڏنا ناهن!
برن جي درد جي خوشبوءِ،

سُنگهي ڪنهن رات تو ناهي،
ڪُنواري ماڪ ذلفن تان،
اُگهي ڪنهن رات تو ناهي!
اجايل نوٽ ماڳن تي،
آڪن جا سلسلا ڪيئي،
اُجيارا تو ڏنا ناهن!
اويلا لڙڪ ڳاڙيندا،
ستارا تو ڏنا ناهن!
ڏيئن سان تون ٻري ناهين!
ڪيڏارا تو ڏنا ناهن!
سڏيندي پويان سهٽيءَ کي،
ڪنارا تو ڏنا ناهن!
پلي تازي گلابن جيئن،
بهارن ۾ ٽِڙي ڏس تون!
پلي پرڏيهي لڪتن جي،
حوالن ۾ ڪِڙي ڏس تون!
مگر هڪ پل جي خاطر بس،
هينئين تي سنڌ ليٽائي،
۽ مڪليءَ ۾ گهِڙي ڏس تون!
يا ديبل کي چُمي ڏس تون!
غرورن جا پلي پوءِ،
سمورا حق رکجان تون!
مٽيءَ جي لڄ رکجان تون!

ننڍ پيل ڇوڪريءَ کي يادا شت نامو!

ننڍ ايندي ڏئو،
چنڊ ويندي ڏِٺو،
ماڪ جي پهر ۾،
ماٺ جي شهر ۾،
هو صدائن جيان،
چڻ هوائن جيان،
پاڻ کي ئي سڏي،
پير تازا ڇڏي،
تهنجي پيرن وٽان،
رات ڇيرن وٽان،
ڪو مسافر مَٽيو،
سو مسافر ڦٽيو!
درد ڪافر سڏيو!

واٽ سنسان کي،
رات حيران کي،
هُن نگاهن ڏٺو،

Scanned with CamScanner

گرم ساهن ڏنو،
وار ڪارا ڪليل،
روپ برڪا جيان،
هير ورڪا جيان،
ڪوڙ ڳالهيون ڪٿي،
آسون آليون ڪٿي،
هو آڪيرن وٽان،
رات پيرن وٽان،
ڪو مسافر مَٽيو!
سو مسافر ڦٽيو!
درد ڪافر سڏيو!

روح رولاڪ جو.
درد بيباڪ جو،
پنڌ ميرو سچو،
ڪانه پولي پُري،
ڪانه چولي چُري،
لفظ سارا سُتل،
ڏور تارا رُنل،
رنگ ميرن وٽان!
ذلف گهيرن وٽان،
ڪو مسافر مَٽيو!
سو مسافر ڦَٽيو!
درد ڪافر سَڏيو!!

رڳو ڇٽيو آ...!

رڳو نهارون سڙيون نہ آهن،
سڄي سڄي جو بدن سڙيو آ،
ڪليءَ ڪليءَ جي ڇُني لٽي آ،
چُميءَ چُميءَ جو وطن سڙيو آ،
لهوءَ ۾ وهنجي هوا گُهلي آ،
اُداس سَر جي ڪنول ڪنول کي،
نہ شام ڪڏهين کِلي ڏنو آ،
نہ صبح ڪنهن جي گلاب ٻولي،
اکين سان مرڪي مِلي ڏنو آ.
گهٽيون ٽيون جاڻن تہ چاندنيءَ جي،
بدن ۾ پالو ڪُتو رهيو آ،
تڏهن بہ ڪومل پرين الئہ چو،
صدا ۽ سَڏُڪو سُتو رهيو آ،
صدين جي خوشبو ولين ۾ وڪري،
اُداس ڳالهيون ڪندي رهي آ،
غمن جي خوشبو گهِٽين ۾ مُرڪي،

اڪيون بہ آليون ڪندي رهي آ،
رڳو چٽيو آ رڳو رڙيو آ،
هي ديس منهنجو سچو سڙيو آ،
رڳو نهارون سڙيون نہ آهن،
وچن وچن جو ڪفن سڙيو آ،
سمورو منهنجو وطن سڙيو آ،
پڇين ٿي: ”ڇا لئہ اُداس آهين!؟“
پرينءَ جي خوشبو مڃان ٿو تون پي،
هِنئين جي خاطر بهار آهين،
وفا جي ڪومل چمار آهين،
وجود جي لئہ قرار آهين،
مگر ڪجهي ڇا مٽيءَ جي خوشبو،
وڏيڪ توڪان حَسين آهي،
اُنهي تي جيسين بہ آ انڌارو،
تيسين تہ موتڻ محال آهي،
شهيد خوابن جو روح اڄ پي،
اسان لئہ ڪوئي سوال آهي!
انهيءَ کي جيڪر پُٺي ڏنيسين،
جيئڻ جو پوءِ ڪو جواز ناهي!
سنڀال پنهنجي پني بدن کي،
متان ڪو آواز تورو اري،
جي تورو ان ڏي جُهڪي وياسين،
حياتي ٻڌجي ڪا گار ويندي،
اسان کي پُلجي بهار ويندي!

◆

پلا توکي خبر ڪهڙي!

اُڏين ٿِي عرش تي جانم! پلا توکي خبر ڪهڙي،
لٽل برسات جي ٿاڌي مٽر ڪاڇي هوائن ۾،
سڳنڌ جو شهر ڪيڏو آ، حُسن جو سحر ڪيڏو آ
گهڙن جي اُڃ ڪي ساري، گگهن جا گهير سهڪن ٿا،
اکين جي عشق اجري تي نسورو قهر ڪيڏو آ!
اِها توکي خبر ڪهڙي، پلا توکي خبر ڪهڙي!

اگھاڙا پير صحرا ۾ وڃن ٿا دُور جنهن جي لئه،
اُنهيءَ جي ڳوٺ تي تارا، ٽُٽن ٿا روز راتين ۾،
هوا پازيب ڇمڪائي، چُنين جا پاند لوڏي ٿي،
ننڍن جي ڳهرِ اُڌڙي ٿي، پون ٿا سُور ڇاتين ۾،
اِها توکي خبر ڪهڙي اِها توکي خبر ڪهڙي!

ڪنڌي ۾ لير اجرڪ جي سِڪايل نيٺ ڪنهن لئه آ!
نمن جو بُور رستن جي پوي ٿو ڇو نگاهن ۾؟
ڪَتين ڪي جاڳ ڇا لئه آ اجايل چيٽ ڪنهن لئه آ
اِها توکي خبر ڪهڙي اِها توکي خبر ڪهڙي،
ڪنوارين ڪي يتائيءَ ڇو ڇٽيو آ پنهنجي لفظن ۾؟
رلين جا رنگ اوجاڳيل، سڄل ڪنهن لاءِ سِرجايا؟
۽ ڪيڏارا اڃي ڦٽڪيا ڇو آهن پنهنجي نظمن ۾؟
اِها توکي خبر ڪهڙي اِها توکي خبر ڪهڙي!

مٽي تي پير تون رک جئن پتو توکي پوي سانئڻ!
سرءُ جي شام جو چهرو فجر جي ماڪ ڇا آهي؟
وڇوڙو ڪهڙي آفت آ اندر جو چاڪ ڇا آهي؟
ڪُنوارن انتظارن جي سفر جي خاڪ ڇا آهي؟
اسان جي عشق جي وينگس اها توکي خبر ڪهڙي!
اُڏين ٿي عرش تي جانُم پلا توکي خبر ڪهڙي!

❖

سُوال...!

هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ!
ٻُڌاءِ بنا حجاب جي،
اُماس رات جي ندي،
لڳي ٿي توکي ڪيئن پرين!
اُداس تات جي صدي،
ڇٽي ٿي تو ۾ ڪيئن پرين!؟
اکين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
ٻُڌاءِ، سرءُ جي چاندني،
اچا ڇا تنهنجي ڳوٺ تي،

لڳي ٿي ڪنهن ڪنول جيان!؟
ءِ وار وار جو غزل،
اڃا بہ آ ڪجل جيان!؟
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
ٻڌاءِ بنا نقاب جي،
سنڌوءَ ۾ ٻيڙين جيان،
اکين جا ٻئي ڇپر اڃان،
سنجها جو رنگ تا لڳن!
يا چنڊ جيئن اُداس ٿي،
صدا جو ڏنگ تا لڳن!
ٻُڌاءِ ڪُليل ڪتاب ٿي،
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
اڃا بہ تنهنجي چيچ کي،
اُهو ئي گهرگهلو ڇلو،
چُمي ٿو روز شام جو،
ڇا تر ڳٽي جو ڪارڙو،
چُپي ٿو روز شام جو!
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
آسُر جو آرسُون پڃي،
اچي ٿو ياد ڪو اڃان!
ڇا هِير جو ڳگهو ڇُهي،
اُٿي ٿو درد ڪو ڪِٿان!؟
ٻُڌا، ٻُڌا، پرين ٻُڌاءِ،
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ!؟

ڏوهاري وڏو ڪير!؟

سچائيءَ جي بُت سان ملهايون ٿا ياري!
ميون ٿا اسان پيي تہ آهيون ڏوهاري!
گلن جا فسانا چپن تي رکون ٿا،
حُسن جا ترانا پنن تي لکون ٿا،
پرينءَ جي پگهر کي چِپن تي رکون ٿا،
چُمين جي وڳر کي ڳلن تي رکون ٿا،
ميون ٿا اسان پيي ڪي آهيون ڏوهاري!
اَکن تي لکون ٿا، نکن تي لکون ٿا،
ڌکن تي، ترن تي، چَکن تي لکون ٿا،
ڏراڙن جي دلبر هٿن تي لکون ٿا،
ترڪلين جي بولن، نٿن تي لکون ٿا،
رلين تي لکون ٿا، دِلين تي لکون ٿا،
وچوڙن ۾ چُوڙين ڍلين تي لکون ٿا،
بدن تي لکون ٿا، چڱن تي لکون ٿا،
نراڙن تي اُيريل رڳن تي لکون ٿا،
پکن تي لکون ٿا، ڪکن تي لکون ٿا،
دريائن تي پاتل اکن تي لکون ٿا،
ٽڙڻ تي لکون ٿا، چٽڻ تي لکون ٿا،
ٿڌا ساهہ کنهن جا پڙڻ تي لکون ٿا،
ٿرن تي، بَرن تي، دڙن تي لکون ٿا،
ڪنوارين جي ڪورن گهڙن تي لکون ٿا،
چڙن تي لکون ٿا، پَڙن تي لکون ٿا،

عذابن جي لڏندڙ ڪَڙن تي لکون ٿا،
لچارين جي ڳاڙهن وڳن تي لکون ٿا،
پراڻن جي پوٺن، دڳن تي لکون ٿا،
چُمين تي لکون ٿا، اکين تي لکون ٿا،
امڙ سنڌ جي هِن صدين تي لکون ٿا،
مڃون ٿا، مڃون ٿا تہ آهيون ڏوهاري،
سيئي ڏوھ پنهنجا مڃون ٿا مڃون ٿا!
مگر هو سماجن جا رکوال رهزن!
شرافت جا برقعا جي پائي گهمن ٿا،
اُنهن جي بہ ناهي اگهاڙپ لڪل ڪا،
اکيون کولي تِن جا بہ ڪرتوت توريو،
جي راتين ۾ چاتين تي ڏاڙا هڻن ٿا،
پکين جي بہ لاتين تي ڏاڙا هڻن ٿا،
بزارون شبابن جون کولي ويهن ٿا،
نياڻين جي چيچن کي وڪڻي ڪُڏن ٿا،
زبانن تي پهرا وڌائي ڪُهن ٿا،
گلابن کي ٽاندن تي لاهي ٽُڪن ٿا،
ڌرم جي چُرن سان حياتيون لُٽن ٿا،
هوائون لُٽنِ ٿا، ڪلائون گهُٽنِ ٿا،
ادائن جي چانئن کي ماري وجهن ٿا،
صدائن جي مائن کي ٻاري ڪِلن ٿا!
انهن کي اسان کي بيهاري گهٽين ۾،
اڙي منصفو! پوءِ ڪيو فيصلو ڪو،
وڏو ڪير آهي ڏوهاري اسان مان!؟

يادن ۾ ڇٽي تنهائي آ!

ڇا ڇا نہ ڏٺو آ راهُن ۾!
صحرا تي ستارن جون جهاتيون،
ڪينجهر جي ڪنارن تي راتيون،
سنڌوءَ تي ٽيهريءَ جا تجلا،
چوڙين جون صدائون ڪي آتيون،
خوشبوءِ جي بدن جهڙا جلوا،
آواز ٿلاريل تاڙين جا،
ٽولا ڪي اُڏاريل آڙين جا،
ڇا ڇا نہ اکين گهُوريو آهي!
جن راز نٿون پُوريو آهي!
ڇا ڇا نہ ٿيو محسوس آهي،

Scanned with CamScanner

چهرن تي نقابن جا ڪتبا،
پنچين جي اکين ۾ غم آهي!
زلفن تي اداسيءَ جي هُرڪُر!
هردل ۾ رهيو ماتم آهي!
نيٽن کي مليون ڇانئون ناهن،
خوابن ۾ رهيو ئي دم ناهي!
اهڙو نہ رهيو آ ڪو ڏوليا!
هن دل کي مليو جو غم ناهي!
سوچن جي گلابن جي هستي،
راهن ۾ رُلي اُجڙي آهي!
بي درد هوائن جي مستي،
يادن ۾ گهُلي وچڙي آهي!
پهرن ۾ ملي خوشبوءِ ناهي،
بارش تہ اُني آ پهٽن تي،
شهرن ۾ ڪِلي خوشبوءِ ناهي!
بيزار گذاريل شامن جا،
اسرار لڳا بنجر آهن،
ڪي روپ تصور ۾ آيل،
هر بار لڳا خنجر آهن،
رستن تي رُني تنهائي آ،
يادن ۾ چٽي تنهائي آ!
بس هُوءَ نہ ملي آ بانهُن ۾!
ڇا ڇا نہ مليو آ راهُن ۾!
ڇا ڇا نہ ڏنو آ راهُن ۾!!

ڳُهرام مانا!

هي فلسطيني مٽيءَ جو درد آ،
پير ٽٽنڪن جا تہ ڪو روڪي نٿو،
روز دونهون تو ڇُهي آڪاس کي،
گلِ امن جا پوءِ بہ ڪو پوکي نٿو!
خونَ ۾ آهي هي 'رَملا' اڄ ٻُڏل،
کوڙ گوليون ٿيون رُلن رستن مٿي،
ننڍ جو ناهي بدن هاٿي ڪٽي،
چانڊني جو آهہ اڄ پوپٽ ڪَٽل،
ٺهڪڙن جو ڪالهہ جا ڇٽڪو هُئي،
هاڻ هڪڙي آهي ٻٽجي وئي قبر!
سرد پاڇو موت جو ڊوڙي اچي،
ويو ڪنيي 'ڳُهرام مانا' جو بدن،
هُوءَ فرشتن وانگيان ننڍڙي پري،
ٿي وئي آ ياد جي هڪڙي ڳهر!
هُوءَ اجا لفظن جي ڳولا ۾ هُئي،
لفظ، جيڪي ڪانہ هوءَ چاٽي سگهي،
بس رڳو هوءَ زندگي چاٽي سگهي،
لڙڪ هُن جي ماءُ جو ڪوئي ڇٽيل،
ڪنهن بہ ايجنڊا جو قصو ڪونہ ٿيو،
ساهہ مُنجهندڙءُ نينگريءَ جو ڪو ڪفن،
ڪنهن بہ ناول جو تہ حصو ڪونہ ٿيو!
ها مگر تاريخ کي آهي خبر،
هاڻ هوءَ ناهي رهي هڪڙي قبر،
هُوءَ وطن جي دانهن ڪائي زرد آ،
هوءَ فلسطيني مٽيءَ جو درد آ!

◆

• 14 مهينن جي 'ڳهرام مانا' فلسطيني ٻارڙي، جيڪا اسرائيلي فوج جي شيلنگ ۾، ساهہ منجهڻ سبب فوت ٿي وئي، 26 سيپٽمبر 2002ع.

تون رڳو محسوس ڪر!

تون رڳو محسوس ڪر!
هِن ڪميٽي شور ۾،
سَڌ ڪنهن جو ڪير آ؟
ڪنهن ۾ آهي دلبري؟
ڪنهن ۾ ٿوروءُ ڦير آ؟
ڪنهن جي آ خوشبو رُني؟
ڪير آ بارش جيان؟
ڪير تو ساحل تَڪي؟
ڪير آ وڇڙيو ڪٿان؟
ڪنهن کي ڳولِن تا سفر؟
تون رڳو محسوس ڪر!
وحشتن جي واءُ ۾،
ڪيترا آهن گلاب؟
ڪيتريون آهن ڪليون؟
ڪيترا آهن عقاب؟
ڪيئن ٿيون پتڪن چُميون؟
ڪيئن تا روئن حجاب؟
ڪيتري آهي جُدائي؟
ڪيترا آهن عذاب؟
ڪنهن مٿان آهي خنجر؟
تون رڳو محسوس ڪر!
چوءِ دريا آهي سُتل؟
ڪونہ تا جهومن ڪنول،
ڪا درين ۾ ماٺ آ،
سڀ رُتل آهن غزل!

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

ڪونہ ٿي جهانجهر وڄي،
رنگ سڀ آهن تڪل،
درد جو ڇيڙو نہ آ،
زنگ ذهن تي لڳل،
خواب آهن دربدر،
تون رڳو محسوس ڪر!
جاڳ ڪي ڪا اڳ آهي،
پير جيڪو يي ڪجي تو،
عاشقيءَ جو ماڳ آهي!
زندگي ڪو چاڳ ناهي!
هن اگهاڙن دورخن ۾،
ڪهڙيءَ دل ۾ داڳ ناهي؟
روح ۾ ڪو آهہ ٻَر،
تون رڳو محسوس ڪر!
چانڊنيءَ ڪي پير آهن،
هر گلابي ساحريءَ ڪي،
ريشمي ڪي پير آهن!
جيڪي دل جي ڇانورن جو،
سانورو ڪو ٿهڪ آهن،
ڪوبہ ڄاڻي ٿي نٿو،
ڪيڏا دل تي ڇهڪ آهن،
پيا ڪجن ڪيڏا پٽر؟
ننڊ مان ڇوڙي اکيون،
ڏور ڦهلائي نظر،
تُون اِهو محسوس ڪر!
تُون رَڳو محسوس ڪر!

سمجهہ ۾ سو نٿو اچي!

گلاب - رُت، گلاب - پَل،
ڪجي - ڪجي، ڪجي تہ ڇا؟
ٻُڌايو ڪجهہ اوهين ڀلا،
تہ مات ڪي سنڀالجي،
يا تات ڪي سنڀالجي،
وڃي ٿي روح ۾ چُڀي،
ڪيئن رات ڪي سنڀالجي؟
عجب اوهان جو آ مِلڻ،
ڪڏهن ٿا ڪجهہ چيو وڃو!

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

ڪڏهن گلاب ڏئي ڪڏهن،
پٽر تا ڪو هنيو وجو!
هي خواب خواب جو بدن،
رُلي اگهاڙو ٿيو وڃي،
جڏهن ٽڙي ٽِي مهڪ ڪا،
غضب ڏهاڙو ٿيو وڃي،
وڃي ٿو شام جو پهر،
اُداس سار ڪا ڏئي،
ٽڪل ستارا رات جا،
وڃن تا ڳالهه ڪا چئي،
ائين گهڙين جي آرسي،
وڃي ٿي چُور چُور ٿي،
ائين مٿر هي چاندني،
چٽي ٿِي ٻُور ٻُور ٿِي،
ڪڏهن اچو تا عشق ٿي،
ڪڏهن وڃو تا خواب ٿي،
ڪڏهن ملو تا خار ٿِي،
ڪڏهن ڏسو تا آب ٿِي،
سو سمجهه ۾ نٿو اچي،
تہ خال کي سنڀالجي،
يا حال کي سنڀالجي؟
وڃي پيو درد ٿيو سچو،
ڪيئن سال کي سنڀالجي؟

ڪيئن اڇان پلا؟

اڇان تہ ڪيئن اڇان پلا؟
گهر ۾ تنهجو گوٺ آ،
دڳن ۾ دلبريون ڪُٺل،
چپن جو روپ ٽوٽ آ،
وٺن جي ڇانءَ ڇانءَ جو،
پَنو پَنو نراس آ،
ڇَني ڇَني ۾ سوڳ ڪو،
ٻَنو ٻَنو اُداس آ،
هوائون بي خيال ٿِيون،
ڏين ٿيون ٿهڪ ڪوڪلا،
اڇان تہ ڪيئن اڇان پَلا!

اڪيلي روح جي مٿان،
اچا تہ ڪا ڪَتي نہ آ،

soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner

زخم زخم جي دلبري،
اڃا تہ دل ڪَٽي نہ آ،
اڃا تہ ڏنڊ جو سفر،
صليب هر تهار آ،
گلاب ڪيئن ٽِڙي ڪٽي!؟
جلاوطن بهار آ،
اڃا تہ واٽ واٽ تي،

ملن ٿا درد دادلا!
اچان تہ ڪيئن اچان يلا!؟
عداوتن جي شام آ،
چون ٿا تو بہ ماٺ ڪي،
رڪي ڇڏيو آ چاھہ ۾!
اڇاتي ڪنهن حجاب ڪي،
ٻَڌي ڇڏيو آ ساھہ ۾،
يقين ئي نٿو اچي،
تہ ڇير تنهنجيءَ جو سفر،
ڪِٿي بہ هاڻ ڪونہ آ!
اڪيلا زلف ٿا رهن،
سگهي بہ ساڻ ڪونہ آ!
چوي ٿي تات روح جي،
رڪين ٿي تُون بہ فاصلا!
اچان تہ ڪيئن اچان يلا!؟

اُهو هينئون...!

اُهو هينئون ڪيئن سُڪون سُمهندو!
جنهن تنهنجي پلڪن جي ڇانورن ۾
لِڪي، سُمهي ۽ ٺري ڏٺو آ،
۽ تنهنجي زلفن جي ڀاڪرن ۾
ٻُڏي لُڏي ۽ مَري ڏٺو آ،
اُهو هينئون ڪيئن اڪيلو ڪِلندو!؟

sochsindhiadab

Scanned with CamScanner

جنهن تنهنجي خوشبو سندي بدن کي،
حيا ۾ ٻانهون ٻُڌي، وڌيون هِن!
جنهن تنهنجي نيڻن جي دلبريءَ سان،
ڪُنواريون لانئون لِکي لڌيون هِن!
وجود جو هر صُبح ڪنوارو،
جنهن تنهنجي نالي ڪري ڇڏيو آ،
جنهن تنهنجي ساهن جي سلسلن جي،
بدن حوالي ڪري ڇڏيو آ،
اُهو هينئون ڪيئن گلاب لڳندو!؟
اڃا بہ اُن کي اگهاڙيون راتيون،
خنجر اگهاڙا هٿي وجن تيون،
اڃا بہ اُن تي خزائون رولو،
سواءِ تنهنجي ڇٽي وڃن تيون،
اڃا بہ ڪيئي ستارا گُم سُم،
عجيب چترون ڪري وڃن تا،
اڃا بہ اڻ ڪُٿ اشارا پاڳل،
اُداسي اُن ۾ پري وڃن تا،
رفاقتن جي ڇُني گلابي،
اڃا بہ اُن لئہ حَسين آهي،
تون پير موڙي ضرور ايندين،
اڃا بہ جنهن کي يقين آهي،
اُهو هينئون ڪيئن سُڪون سُمهندو؟
اُهو هينئون ڪيئن اڪيلو کِلندو؟

سارا...!

(اردو شاعره ’ساره شگفتا‘ جي نالي)

سارا! سوڳ اهو ئي ناهي،
جو ماڻهوءَ جي مٽي ساري،
روز غمن جي ڏوڙ ڇنڊي ٿي،
شيشي جهڙي پوءِ به حقيقت،
روز گهٽين ۾ ڪوڙ ڇنڊي ٿي!
سارا! سوڳ اِهو ئي ناهي،
جو وشواسن جي چادر تي،
ڪيئي ڪوجها پير پئون ٿا،
پنهنجي پنهنجي وياڪلتا کي،
دک جا رُهنڊا روز لڳن ٿا!
روز جيئون ٿا، روز مَرون ٿا،
پوءِ به پرتي ويندي ويندي،
ڪنهنجي سڏ تي نيٺ وَرون ٿا،

Scanned with CamScanner

سارا! سوڳ اِهو پي ناهي،
جو ڇهرن جي بيحس موسم،
دل ۾ ڪاوا روز هٽي ٿي،
پنهنجي چاهت جي ڪا خوشبو،
اوجاڳن جا پير ڪٽي ٿي،
سارا! سوڳ اهو پي ناهي،
روز ڪُتن جون گاريون ڪيئي،
پنهنجي چنڊ جي ڪڍ اڇن ٿيون،
پنهنجي من جا ڪپڙا لاهي،
اونداهيون هر بار وڃن ٿيون،
سارا! سوڳ اهو پي ناهي،
چاهت تِي تڪرار وڃي ٿي،
بيحِس ذهن جي ٻُڃڙائي،
خوشبوءَ کي هر بار پيجي تِي!
سارا! ها پر سچ اهو ٿئي،
تنهنجي رَت جو ڳاڙهو نقشو،
هڪڙو سوڳ انوکو آهي،
جنهن جي اندر جو هر ليڪو،
خالي هڪڙو ليڪو ناهي،
اُن جي اندر جي هر آهٽ،
وقت جي مُنهن تي پوندو آهي!
جنهن کي ڪائي وحشت ڏاهي!
ها سارا! سو ممڪن ناهي،
ممڪن ناهي، ممڪن ناهي!!

دلدل جي راتين ۾!

تو ۾ سورج راز پري ٿو،
ڇُلندڙ ڪا جڻ ڇولي آهين!
تنهنجي ڳولا خواب ڪري ٿو،
سارنگ جي جڻ ٻولي آهين!
جڻ تہ پِرهہ ٿي تو ۾ ڳهاري،
تارو تارو توڪي ساري!
مُشڪڻ تنهنجو صحرا ۾ جڻ،

soorhisindhiadab

Scanned with CamScanner

ڪو وڻجارو ڏيئو ٻاري،
تون اُن وستيءَ جي دل آهين،
جنهن ۾ ڪارا نانگ رهن ٿا،
زهر گسن ۾ پنڌ ڪري ٿو،
ڪويل جا احساس سڙن ٿا،
موسم موسم مُرلي آهي،
وقت ڪان اڳ ۾ قول ڇڙن ٿا،
تنهنجا ڪارا نيڻ نندا ڪا،
ساموندين جا سڌ لڳن ٿا،
تون هن دلدل جي راتين ۾،
چانڊوڪين ڪي ونگ وڄهين ٿي،
اُڀ جي هيڻان عشق ٻري ٿو،
سينن جو ٿي سُور اُٿين ٿِي،
ڪنهن پنڇيءَ جي پاڇي جهڙي،
هِن نگري جو وارث ناهي،
پوءِ بہ اُنهيءَ ۾ تنهنجو هرڪو،
جادوءَ جهڙو آرس آهي!
اک ٿي چاهي دِل ٿي چاهي،
هر مڪڙيءَ جي ڪِل ٿِي چاهي،
وحشت جي هِن مُنهن ڪاري ٿي،
پوندو تنهنجو پير رهي شل!
هِن رستن جي ويرانيءَ ۾،
وڄندي تنهنجي ڇير رهي شل!!

❖

تو ياد ڪيو آهي!

سنڌوءَ جي مٿان سانجهي،
تارن سان لٿي آهي،
خوشبو ڪا صدائن جي،
پارن سان لٿي آهي،
گهر گهر جي اندر جانان!
ڏيئو بہ ٻريو آهي،
ڪي وار ڏکيا ساري،
ڪو درد وريو آهي.
ڪنهن پنهنجي نگاهن ۾،
چهرو ڪو ٻڪيو آهي،
ڪنهن بيت پٺائيءَ جو،
چپڙن تي رکيو آهي،

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

ڪنهن اُڏندڙ پنڇيءَ کي،
بندوق ڇڪيو آهي،
بي خواب هوا ڳولي،
پاڪر ۾ پريو آهي،
ڪونجن جو قسم جانان!
پئي دل تي اهو ڀانئي،
تو ياد ڪيو آهي!
هڪ پيار اڌوري جي،
خوشبو پئي تِڙي آهي!
هر بار دنيا جنهن تي،
بي سبب چڙي آهي،
جنهن لاءِ اکين پنهنجو،
هر خواب لُٽايو آ،
ڪنهن درد جي پاڪر ۾،
ڪو پهر ڪٽايو آ،
موسم جي چريائيءَ کي،
تَنهن جو نہ پتو آهي،
اُلڪن جي ادائن کي،
پنهنجو ئي نشو آهي!
محبوب نگاهن سان،
آڪاش ڏٺو آهي،
ٻُوندن جو قسم جانان!
پئي دل تي اهو ڀانئي،
تو ياد ڪيو آهي!!

❖

Scanned with CamScanner

نقابن نہ ڄاتا!

نہ ڄاتا، نہ ڄاتا خزائن نہ ڄاتا!
اڪين جا انديشا هوائن نہ ڄاتا!
سُڪل هِن مٿي تي هٿا پير پنهنجا،
عجب آ اُهي پي پُڇائن نہ ڄاتا!
ڪٿي ميت وڇڙيا، ڪٿي گيت اُجڙيا،
ڇَپن جي وِڇايل دعائن نہ ڄاتا!
اسان جي هٿن ۾ هئا گُل گلابي،
الئہ ڇو اوهان جي نگاهن نہ ڄاتا!
رهِيو دل جي حصي ۾ آيون اُداسيون،
نظر جي سفر کي وڪوڙيو انڌيرن،
تڏي چانءَ اغوا ٿي جانان کجي وئي،
ڪيو رُت تتيءَ ۾ رهِيو پنڌ پيرن!

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

لڙيون سرد شامون، اُئين ئي گهٽين ۾،
ڇپيون زرد لامون، اُئين ئي اکين ۾،
لڳي پياس ڪنهن جي ڇپن جي جڏهن،
تہ ممنوع موسم ڇڏيو روح پيلي،
مليون ڪونہ نظرون، مليا ڪونہ سينا،
وڇوڙن ۾ گهاريو اميدن اڪيلي،
رهيا خواب ڪيڏا اکين جا اڪيلا،
وراندڻ ۾ بيٺل جوانين نہ ڄاتا،
هٿن منجهہ پاتل نشانين نہ ڄاتا!
ڪڙو سچ ساڳيو اڃا آ اِهوئي،
هينئين تي لڻا جي بدن ۾ رهيا جي،
اُهي درد سارا، ستارن نہ ڄاتا!
خُماريل اکين سان بهارن نہ ڄاتا!
هجومن ۾ هوندي بہ خوشبو نہ آئي،
ادائن جا هُر ڪُر وئي روپ ڪائي،
نہ چوڙين نياپا، نہ مُرڪن جياپا،
صدائن ۾ سوگها رهيا سڀ لِياڪا!
پنل خواب پنهنجا ٻُڌايون تہ ڇا ڇا؟
قسم سان ڪي ٽڙندڙ گلابن نہ ڄاتا!
حيائن ۾ ويڙهيل، حجابن نہ ڄاتا!
عذابن جي رڻ ۾ ٻريل ٻول ڍوليا،
نہ ڄاتا، نہ ڄاتا، نقابن نہ ڄاتا!
پُسيل پيار پنهنجا، ڪتابن نہ ڄاتا!
نہ ڄاتا، نہ ڄاتا، عقابن نہ ڄاتا!

❖

Scanned with CamScanner

اُتي ٿو ساريان....

پتين جي پويان لهي ٿو سورج،
وجي ٿو هر پل ائين تي ميرو.
نهار هر ڪا دُکي پوي ٿي،
وجي ٿو يادن جو جڪڙي گهيرو،
اُتي جو ٿو هَر پٽر نهاريان،
جتي نہ ڪنهن جو لڳي ٿو پيرو،
پرين! مان توکي اُتي ٿو ساريان،
جتي نہ آهي ڪو جُهنڊ نيرو،
نہ لهر ڪائي، نہ سمنڊ نِيرو،
نہ اُپ سمورو اچي نظر ٿو،
نہ چنڊ چهري جو گُهنڊ نِيرو،
نہ ڪنهن بہ پايل جو ساز آهي،

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

نڪي حُسن جو ڪو ناز آهي،
جتي جي رستن ڪي ناهه منزل،
عجب گهڙين جو انداز آهي،
زخم زخم جي زبان آلي،
نه ڪنهن به رُت ڪي نظر اچي ٿي،
گلاب دل جي ادا نرالي،
سدا جي اُس ڪي ڪلي تڪي ٿي،
جتي گهمي ٿي بهار آتي،
پرين! مان توکي اُتي ٿو ساريان،
جتي سَنجها جي هوا ڪُنواري،
نراس اُهُ تُهُ چڏي وڃي ٿي،
ڪڏهن خوشيءَ جا خمار اريي،
ڪڏهن غمن ۾ گڏي وڃي ٿي،
ڪڏهن نه تنهنجي بدن جي خوشبو،
نراس سانجهيءَ منجهان اچي ٿي،
ڪڏهن نه تنهنجي حيا جي هُر ڪرُ،
جهڙالي آڏيءَ منجهان ڦُٽي ٿي،
صبح جو تازو بهار - چهرو،
ڏِگهو وڇوڙو ڪٽي اُتي ٿو،
۽ قيد اڪين جو جهان سارو،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ عجب لڳي ٿو،
جتي چٽي ٿِي بهار آتي،
پرين مان توکي اتي ٿو ساريان!

(سينٽرل جيل حيدرآباد)

لاڙجي جڻ بهار آهين!

جڏهن ڪجل تو وجهي اکين ۾.
نهاري ڪنهن کي ڪِلي ڇڏيو آ.
تہ ڄامشورو لُڏي ويو آ،
مليو پيو آهي پتو نہ ڪنهن جو!
زمانو تو ۾ ٻُڏي ويو آ،
رُڳو اِهوئي تو ڄاڻان بَس مان

sooriasindhiadab

Scanned with CamScanner

ستارا جيڪي ٽُٽا امبر مان،
انهن مان تنهنجو بدن ٺهيو آ،
چپن تي تنهنجي گُلابي موسم،
اکين ۾ تنهنجي غزل رهيو آ،
هوا بہ توکان سکي آ ماڻا،
سنڌو بہ، توکان هلڻ سکيو آ،
تون شاعريءَ جو ردم بہ آهين،
للاٽ تُنهنجو اُتي جو منظر،
قسم سان ڪورو ڪو نظم آهين،
تون لاڙ جي جڻ بهار آهين!
اُتر آ تنهنجي بدن جو پاڇو،
مِنيءَ تي تون جڻ ملهار آهين،
تو نند پيلي ڇڏي گُلن جي،
الئہ ڇو توکي پتو نہ آهي!
مسافرن کي ڇڏيو تو گهائي،
تو دل اڪيلي ڇڏي هُلن جي!
تو شاعرن کي ڇڏيو مُنجهائي،
اداس موسم جي ياڪرن ۾،
حُسن جو ڪومل ڪو منڊ آهين،
لڳي تو سنڌ جو ڪو چنڊ آهين!

❖

ڪُنواري ساک سرجي پَئي!

نئين تاريخ لکجي پئي،
حصو تنهنجو نہ رهجي ڪو،
هوائن کي ٻُڌائي ڇڏ،
قصو تنهنجو نہ رهجي ڪو!

رڳن ۾ ڳالهہ جيڪا آ،
ستارن کي سُڻائي ڇڏ!
بدن ۾ آگ جيڪا آ،
ڪنارن تي وڇائي ڇڏ!

soorthsindhiadab

Scanned with CamScanner

متيءَ تي ماڪ تازي آ،
رُڪي آ سنڌ جي موسم،
هوائون سپ ڪفن اوڍيل،
دُکي آ جند جي موسم.

طنبورا ڪونہ ٿا ٽُٽڪن،
ٿهر ۾ عاشقي آهي،
ٽُٽن ٿا مَن گهڙن وانگر،
سفر ۾ چاندني ناهي!

ڍڪي ڇڏ هِن اُداسيءَ کي،
ڪيڏارو تي لڳي سائڻ!
خموشي آ ڪفر جهڙي،
ڪنارو تي لڳي سائڻ!

پري ڇڏ باک نيڻن ۾،
متان خوشبو ٻُڏي سائڻ!
قصو ڪومل وفائن جو،
صليبن تي پُڄي سائڻ!

ڪُنواري ساک سِرجي پئي،
وڇوڙو ڇو تڄي آخر؟
نئين تاريخ لکجي پئي،
ڪو ڳوڙهو ڇو تڄي آخر؟

❖

دودا توکي سنڌ سڏي ٿي!

دودا توکي سنڌ سڏي ٿي،
تنهنجي شهپر جهڙو سِنڌو،
روز لهي ٿو، روز مَري ٿو!
لاڙ صدا جي لُنگي اوڍي،
بي ترتيبا ساهه ڀَري ٿو،
ڪارونجهر تي چانڊوڪيءَ جي،
اجرڪ ڏاڍي آتي آهي،
ڪينجهر جو هر ڪنول اُجايل،
زخمي ڇاتي ڇاتي آهي،
ڏوليا تو لئه رات تَڪي ٿِي،
دودا توکي سنڌ سَڏي ٿي!

Scanned with CamScanner

مَن مَن جي آ منجهر ماتي!
چگُ چگُ چيڙون چيڙون آهن،
لالي، ياڳي، گُل جون پوتيون،
ڏس تون ليڙون ليڙون آهن!
سُڏڪو سُڏڪو مڪليءَ جهڙو،
وڻ وڻ ۾ پي لاش ٽنگيل آ،
ڏڻ ڏڻ تي اُناڙَ وراڪا
چير زنگيل ۽ پير ونگيل آ،
سانجهي تو لئه پير ڪٽي تي،
دودا توکي سنڌ سڏي ٿي!

هرٽيءَ هرٽيءَ جي ڏس پويان،
رول شڪاري روز ڍُڪي ٿو،
آگر آگر اُرهه قلهوري،
چهرو چهرو رَت ٽُڪي ٿو،
موسم موسم اُس جو پاڇو،
گُل گُل جو بيتاب گگهو آ،
باغي باغي سنگهر سوگهو،
خوشبوءَ جو احساس اگهو آ،
سُڏڪا ٿي پريات چٽي ٿي،
دودا توکي سنڌ سَڏي ٿي!

❖

نہ ننڊ ڏي تون....

يلي نہ ڪورو گلاب ڏي تون،
ڪڏهن تہ تورو جواب ڏي تون،
گهڻو ئي پٽڪيا رڻن ۾ آهيون،
اي وقت تورو حساب ڏي تون!

گهڙين اسان کي غلام ٿاهيو،
صبح هٿاسين، تو شام ٿاهيو،
لهو اسان جي کي سستو سمجهي،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ تو عام ٿاهيو!

Scanned with CamScanner

ڪڏهن اسان جو پنيور پيليو،
ڪڏهن اسان جو ننگر جَلائو،
ڪڏهن اسان جي ڪراچي اُجڙي،
ڪڏهن اسان جو سکر ڏَڪائو.

رڳو اسان جون چُنيون چِڪاٽيون،
رڳو اسان جون چُميون ڏِڪاٽيون،
اداس ٻالڪ سڙيا اسان جا،
رڳو اسان جون رُنيون نياٽيون!

اسان کي خانہ بدوش وانگر
نئين ستم جي عقاب تاڙيو،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ عذاب آٽي،
نَون نظامن اسان کي ساڙيو!

نہ ننڊ ڏي تون، نہ خواب ڏي تون،
ڀلي نہ ڪائي بهار ڏي تون،
مگر اسان جو سنڌو سُڪائي،
نئين اسان کي نہ گارِ ڏي تون!

پکين جي اکين جا پُڇاڙا!

نہ ڪو تنگ رستن جو ڇيڙو لڌوسين،
نہ ڪنهن پي گهٽيءَ ۾ گڏياسين اوهان سان،
نکي سانجهڙين جي ستارن نهاريو،
نکي چنڊ آرپيو نياپو ڇپن مان،
نہ ڪا بارشن پي ڪئي دلُربائي،
نہ ڪي دل جي پيڙي لڳي ڪنهن ڪناري،
رهي رات سنگدل ائين ئي عذابي،
سرءُ جي پکن ۾ ڇڏيوسين گذاري،
ڏسي ماٺ رڻ ڪچ ٿيو روح سارو،
هلي سار آئي اگهاڙي مٽي سان،
بهارن جي پٽڪيل سڳنڌ ڪنهن پُرائيءَ،
ڇڏي آس رولي سدا سج لٿي سان،
اڙي مِيت! تنهنجي ڇپن جو قسم آ،
ترارن تي پنهنجا هليا پيار آهن،
تڏهن پي ذهن جي ڪُليل آگرين ۾،
رهيا تنهنجا وڪريل سدا وار آهن،
پکين جي اکين کان پُڇاڙا ڪري ڏس!
اسان توکي دل تان نہ لاٿو ڪڏهن آ،
جڏهن پي گهٽائن ڪيا ميڙ آهن،
اسان تنهنجي نيڻن ڪي ساريو تڏهن آ.

❖

لاڇان جت....!

لاڇان جَت جا پير ڪٽي چڻ،
ساگر ڪا اُڃنگار ڏني آ،
”مارو“ تي پڙپانگ ويو آ،
قبرن تي مانار رُني آ،
قبرون جن جي پويان هڪڙي،
خوشبوءَ جي تاريخ رهي آ،
سمنڊ اُنهيءَ جي ٻُولا ۾ چڻ،
ڪا تاريخي چيخ ڪئي آ،
لاڙي موسم جهڙي لاڇان،
لاڙ اکين ۾ اوڏي سارو،
ساموڊين جا مَن تڙپايا،
لهرون لهرون ڪاڪُل چوڙي،
وڻجارن جا تَن تڙپايا،
لاڇان جنهن کي چنڊَ اُجايل،
آڏين جا اسرار ٻُڌايا،
تيڙن جنهن لئه ِتمڪي ِتمڪي،
اٿپورا اظهار وڇايا،
جنهن کي لاڙي شام گلابي،
بارش ۾ هر بار کِلايو،
سورج هُن جا ٿڪ سنڀالي،
من ۾ ڪوئي مور نچايو،
هُن جي اک جو ڪارو سُرمو،

قيامت جي عنوان جيان هو،
ساحل جهڙو نَڪ ۾ ڪوڪو،
اوپر جي طوفان جيان هو،
لاڄان، جنهن جا نيڻ ڪنوارا،
جنهن تي هِرڪيا ڪيئي تارا،
ها پر جاتي شاهد آهي،
ڇاتي ڇاتي شاهد آهي،
ڪونہ هئي ڪا آڪ جي ڦُلڙي،
هوءَ تہ هُئي بس سپني جهڙي،
هُن جو جوڀن ڇاڙهہ سمنڊ جو،
هُن جي هاڻي پاڇو سنڌ جو،
جنهن تي ڪا جنگاڻ مَتي هُئي،
مٽيءَ تي ڳاڙهاڻ لَٿي هئي،
"مارو" ان جو ساکي آهي،
توڙي اڄ هوءَ لاڄان ناهي،
پوءِ بہ اُنهي جا پير ڪٿي اڄ.
سمنڊ وڏي گجگوڙ ڪئي آ،
لاڄان جت جي خوشبو ٻيهر،
جاتيءَ پاسي دوڙ ڪئي آ.

❖

---

* ٺٽي ضلعي جي جاتي شهر کان 35 ڪلو ميٽر پري "مارو" جو تاريخي قبرستان آهي، "لاڄان جتڻ" ٽالپرن جي صاحبيءَ جي بيحد حسين نينگري هئي، جنهن جي سڱ گهرڻ تان جتن ۽ چانگن ۾ ويڙهہ ٿي هئي، ويڙهہ ۾ سوين ماڻهو قتل ٿيا، جن کي مارو قبرستان ۾ اجتماعي قبرن ۾ دفنايو ويو. هن ويڙهہ ۾ ٻار ۽ عورتن بہ قتل ٿيا هئا. جولاءِ 2002ع ۾ سمنڊ جي وير جي ڇاڙهہ اهو تاريخي قبرستان تباهہ ڪيو، تہ ڪيترن لاشن جا هڏا ٻاهر پکڙجي ويا!

ڪتاب لکجي!

چوي ٿي دل ڪو ڪتاب لِکجي،
اُنهن اکين جي خمار تي ڪو،
پرين اکين جي نهار کي ڪو.
بهار رُت جو گلاب لکجي،
چوي ٿي دل ڪو ڪتاب لکجي!
۽ لکجي اُن جي پني پني تي،
ڪنهن نرتڪي رُت سندي ڪهاڻي!
يا لکجي ڪوئي غزل گلابي،

Scanned with CamScanner

پکيءَ پکيءَ جي اُڏار جنهن ۾،
گهڙيءَ گهڙيءَ جو قرار جنهن ۾،
نهار جنهن کي عقاب لکجي،
اُنهن اکين تي ڪتاب لَکجي!
جَنين جي هرپل لڄاري ٻولي،
نديءَ جي تن جو نياپو آهي،
اُداس مَن جو جياپو آهي،
اُهي اکيون جن اسان کي ٻوڙيو،
عجيب سا خودڪشي اسان جي،
تاريخ جو جڻ ڪو باب آهي،
اُنهن اکين جي اجا درين مان،
تڏي هوا جي صدا اچي ٿي،
لڳي ٿو سنڌڙي گهٽائون ٿي وئي،
گهڙيءَ گهڙيءَ پئي گهٽا نچي ٿي،
گلي گلي آ پُڇائون ٿي وئي،
اُنهن اکين جي ڇپي ڇپي تي،
چُميءَ چُميءَ جو گلاب رکجي،
اُنهن اکين کي ڪو خواب لکجي،
ڇوي ٿِي دل ڪو ڪتاب لِکجي!

❖

ستارا تو لئہ جُهڪي رهيا هِن،

وري اُتر جون عجيب اوتون،
سـڏن تـيـون توکي،
وري بہ آءُ، وري بہ آءُ!

اجا وٽن تي پکين جون ڪيئي،
عبادتون چڻ سُرن ۾ آهن!
جُهيل سڳنڌ جا سوين فسانا،
وريل ڏٽن جي ڪُرن ۾ آهن،
عجيب دل جي اجا بہ حالت،
ٿڌي هوا ۾ چِرن ٿيون چوٽُون،
سـڏن تـيـون توکي!
وري بہ آءُ، وري بہ آءُ!

Scanned with CamScanner

اجا ننڍُن جي حِنا لتـــــاڙي،
ڇٽو شهر تي ٿو چنڊُ چمڪي،
وري دکن جي صـــدا تي جاڳي،
هوا جي پايل وري ٿي ڇمڪي،
اکين جون آسـون، خُمار جذبا،
سموريون صحرا جيان هي سوچون،
سڌن ٽيون توکي،
وري بــــ آءُ! وري بــــ آءُ!

بــهـــار گذري هــلــي وئــي آ،
گلن جا گجرا سُڪي رهيا هن،
الاءِ ڪــاٽــي لِڪــي وئــي آن!
ستارا تولئـ جُهڪي رهيا هِن!
عــجيب صــحــرا اندر ۾ آهي،
صدا جون اوتون، انيڪ جهوتون،
سڌن ٽيون توکي،
وري بــــ آءُ! وري بــــ آءُ!

پُڇي ڪناري ڏٺــو آ پيـــڙي!،
دريا کي ڪوئي سُڪــون ناهي،
سندءِ اکين ڪـــان پري او جانُم!
اسـان جو جيــون اڻين ٿي آهي!
ڇٽيل پڻ جون اُداس ڦـوٽون،
سـراپا بڻـجي وري بہ ٽوڪون،
سڌن ٽيون توکي،
وري بــــ آءُ! وري بــــ آءُ!

اُداس هيئن نہ شهر ڪر!

صدين جي ڊُوڙ ۾ ٻُڏل،
اسان جي روح جا پنل،
پلي نہ تون سوال اُگهہ!
نہ حال اُگهہ، نہ خال اُگهہ!
هي رات رات جا ڪُنل،
نہ چنڊ جهڙا خواب اُگهہ!
ڪٿي نہ ڪي جواب اُگهہ!
اسان جا سڀ اڪيلڙا،
پلي نہ تون عذاب اُگهہ!
مگر ائين نہ قهر ڪر،
سنيال پاڻ کي پرين!
اُداس هينئن نہ شهر ڪر!
اڪيون نہ ڪر اُتامريون،
متي نراس شام ۾،
نہ حُسن ڪر اتاولو،
ائين نہ لڙڪ هار تون،
قسم اٿئي نقاب اُگهہ،
ائين نہ ڇڏ پنا پنا،
چپن جا تون ڪتاب اُگهہ!
هوا اُداس پئي ٿئي،
ڳلن جا هي گلاب اُگهہ!
وڃي پئي ماٺ سهڪندي،
اکين جا تون عقاب اُگهہ!
اسان جي ڳالهہ ڇڏ ڪٿي،
جُدائيءَ جا حساب اُگهہ!
اجايا سڀ حجاب اُگهہ!!

خوشبوءِ جي تاريخ لکان!

تون قول ڪُنوارا ڏي مون کي،
مان خوابن جي تعبير لِکان،
تون خاموشيءَ ۾ چير وجاءِ،
مان چاندوڪيءَ جا لڙڪ اُگهان!
تون زلف هٽائج چهري تان،
مان ٻڌجي توکي واءُ ڏسان،
هي موسم تِي پڙلاءُ وجي،
مان ٻڌجي ڪوئي ديپ ٻَران،
جو ڏنگ هٽي اونداهيءَ کي،
۽ معنيٰ ڏي تنهائيءَ کي،
او! عشق اشارا ڏي مون کي،
مان تاندن جهڙي چيخ مٿان،
ڪا خوشبوءِ جي تاريخ لِکان!

❖

Scanned with CamScanner

عشق جون بدگمانيون!

غضب هيل ناتو عذابن آ جوڙيو،
ڪڏهن چنڊ موهيو، ڪڏهن چنڊ توڙيو،
ڪڏهن ڪو هوا ۾ سنيهو نہ آيو،
ڪڏهن دل ۾ خنجر اڪيلائيءَ پوڙيو!
نہ آئي، نہ آئي، صبا ڪا نہ آئي،
ستارن ۾ سُرندي رهي هيڪلائي،
بهارون بہ ڀڻڪي اُجهامي اُڏي ويون،
خزائن جي دل ۾ جوانيون ٻُڏي ويون،
ائين ئي اويليون نويليون اڪيليون،

Scanned with CamScanner

محبت جون ڪيئي نشانيون ڇڏي ويون،
عجب درد آهي اسان هيل پوڄيو.
اڪيلا ٽڙياسين، اڪيلا ڇٽياسين،
ڀُچائن جي خوشبو اڏامي هلي وئي،
نہ مُرڪي سگهياسين، نہ روئي سگهياسين،
هوائن جا سُڏڪا ۽ بارش جون بوندون،
ڪٿي آلي يادن جي خوشبو ڪي ڦهتيون،
سيئي دلبرين جا ستارا لڪي ويا،
سُجاتل هٿن جا اشارا لِڪي ويا،
عجب آ، عجب آ، نسورو غضب آ،
ڏکي رات ٻانهن ۾ جنهن پل وڪوڙيو،
اوهان جون سيئي مهربانيون ڇُڏي ويون!
گلابي گلابي حيرانيون ڇُڏي ويون،
عجب عشق آهي اندر هيل جاڳيو،
رهيو آسرن جو اهو منڊ ساڳيو،
ڪليل زلف ڪارن ٻهارون ڀَسايون،
لڳو ڄڻ حياتيءَ ڪي معنيٰ ٻہ آهي،
نيون ڪي ڪٿائون نگاهن ٻُڌايون،
مليو جنهن گهڙيءَ چنڊ جهڙو ڪو چهرو،
الئہ چو تہ ڳٽتين جون ڳانيون ڇُڏي ويون،
نسيئي عشق جون بدگمانيون ڇُڏي ويون!

❖

اجا تو ڇاڇرو سوچي!

اجا تو ڇاڇرو سوچي!
بڊو بي خواب ڇو آهي؟
ڏهر خاموش ڇو آهن؟
هوا بيتاب ڇو آهي؟
ڪڪر روپوش ڇو آهن؟
اجا تو ڇاڇرو سوچي!
اُهي ڪاڏي ويون جيڪي،
ڇڏي ڪي گيت ڪَندين ۾،
ڪٿي ويون ناز ڪُوهن جو،
ٻَڌي پوتين جي ڳنڍين ۾!
لُٽي ويون چينِ روحن جو،
نَٽن جي لوڏ جا لهرا،
ٻُڏي ويا نوٽ موسم ۾،
اُڏي ويا سوچ جا تارَا،

لَڏڻ جي زرد ماتم ۾!
ڦِڳڻ جي ڦوهه راتين ۾.
واهوندا ڪونه ها موٽيا،
آڪن جي زرد ڇاتين جا،
ستارن راز پئي ڪوٺيا،
وچولي مان لُٽي ڪٽڪون،
اُهي آيون نه ڪنهن پاٺي،
سُڃن ۾ ٻاٻيها پٽڪيا،
روهيڙا ڦول ويا ڇاٽي!
راسوڙا رُڄ ڪي اوڍي،
رهيا ها انتظارين ۾،
ڇَڙن ۾ سؤ نياپا ها،
سگّر ها بيقرارين ۾،
گهڙن جو ڇا الائي ٿيو؟
اُنهن جو ڇا الائي ٿيو؟
سياري جون ستم راتيون،
نتگر ڪان جن پري ڪاٽيون،
گلابي هٿ پَهٽن ڪي،
ٽُڪيندي ٿي ويا ڪانيون،
اُنهن جا عشق چونرن جي،
اڃان پيي ٻاڙ ۾ آهن!
وڇوڙا بيوفا رُت جا،
غضب جي ٻاڙ ۾ آهن!
اڃا تو ڇاڇرو سوچي!

❖

هي دل آهي سنڌ سڄي!

هي دل آهي سنڌ سَڄي،
جنهن جي ڳاڙهن ورقن تي،
زخمن جي تاريخ ڏکي،
نئي جون بازارون ڪيئي،
جن ۾ وحشت جاڳي تي،
ڪيئي ساڙيل در آهن.
ٽُڪرا ٽُڪرا جسمن جا.
رت ۾ وهنتل گهر آهن،
ناهه سلامت ڪابه سَگهي!

هِي دل آهي سنڌ سڄي،
جنهن ۾ لاڏل نياڻيءَ جي،
آهه آلا! لاٿل پوتي!
گهوڙن جي سُنبن هيٺان،
اجرڪ پٽڪو ۽ ڏوتي،
مالائن جا ٽوڙيل آهن،
پٽ تي وکريل سپ موتي!

هِي دل آهي سنڌ سڄي،
جنهن ۾ سکر جا سپ رستا،
هُن جي ڇهري جيئن ساڳي،
مِٽي تي آ چاندوڪي،
ٿَلٽيءَ جي آ ريتي مٽي!
مِٽيءَ تي آ چاندوڪي!

هي دل آهي سنڌ سَڄي،
جنهن جي ڪارونجهر تي اُجرا،
جاڳيل مور ٿهوڪا آهن،
ڪينجهر جي نيري جَر تي،
ڪنول ڪنول جا هوڪا آهن!
مڪليءَ جون خاموش صدائون،
جاڳيل پهر پروڪا آهن،
جاڳي تي هرڪائي گهٽي!
هي دل آهي سنڌ سڄي،

جنهن ۾ ٿُلڙيون ٿُلڙيون ڪا،
ياد پرينءَ ڪي ڳولي ٿي،
سنڌوءَ جي سيرانديءَ تي،
خود ڪي اڪثر رولي ٿِي!

هيِ دل آهي سنڌ سڄي!
جنهن تي ڪومل نيڻن جا،
اڄ ٻي گهاٽا گهيرا آهن!
ڪارن وارن وارين جا،
ڪيئي ڪومل پيرا آهن!
واٽن تي پڻ ڇڻ آهي،
پوءِ بہ گلابي هٿڙن جي،
چوڙين جي ڇَڻ ڇَڻ آهي،
هيِ دل آهي جِند سڄي!
هي دل آهي سِنڌ سَڄي!!

زخمي خواب جو سُڏڪو!

تون ملي ناهين زمانو آ ٿيو،
جڳ اسان لئہ خواب آ ٻڌجي ويو،
دل شهر جا هي پڳل فانوس سڀ،
پٿرن سان واسطو ايڏو پيو،
محبتون سنسان ساحل تي سُتل،
زندگي پڻ بي ڪپر آهي سڄي،

Scanned with CamScanner

يادگيريءَ جا چٽن رابيل پيا،
توهر آهي حسرتن جي دل سڄي
بيخياليءَ جا پيا گنگهرو وڄن،
عاشقيءَ جي لهر آهي بي چئي،
خودڪشي جا گيت رستن تي رُلن،
غم وڏيو آهي ستارن کي ڇُهي،
ڇو اُداسيءَ جي گهڙي ايڏي ڏگهي!؟
درد جو پيو فلسفو دل کان پڇي،
تون الائي ڪهڙي تي رهين؟
دل اسان جي پاڻ ۾ ئي پئي لُڇي،
چنڊ چوڙيءَ جي اڌڙ وانگي لڳي،
دور تائين عڪس تُنهنجا تا ترِن،
دورين جو ڇا سبب آهي، پرين؟
لفظ پنهنجو پاڻ تي بيٺا چڙن!
ڇا ڪجي هن ديس جي موسم وري،
خواب ٽوڙڻ جو ڪنيو ٺيڪو آهي،
ديد جا در واسبا آخر وري،
آس دل لئه اڄ به رانديڪو آهي!
دور تائين حسرتن جي شام آ،
وقت زخمي خواب جو سُڏڪو آهي!
ڇا ڪجي هن شهر محبت جو اِهو،
درد اڄ ئي پاڻ لئه تحفو آهي!!

گُلابي نظرن اکيان!

اوهان جي زلفن سنديون گهٽائون،
چِليون تہ راتيون حجاب ٿي ويون،
ذڪر اوهان جي سنديون ڪٿائون،
ڪُليون تہ باتيون ڪتاب ٿِي ويون،
نريل ڳلين جي تڏين اکين ۾،
بدن انڌيرن جا چُور ٿي ويا،
پُجائي هر ڪا صبح ٿي پهتي،
ٽِڙيل ستارا بي نُور ٿي ويا،
عجب ڪٿا هي اسان جي آهي،
ذڪر وفا جو جڏهن بہ نڪتو،
اکيون اوهان جون ئي ياد آيون!
گلابي نظرن اکيان اسان جا،
سمورا جذبا شراب ٿي ويا،
اداس دل جا اداس لمحا،

Scanned with CamScanner

قسم اوهان جو گلاب تي ويا!
ڏِگهي ڪٿا ڏي هلون ٻه ٿا لئه،
هڳاءَ جو هڪ زمانو آ جو،
وساري وسري سگهي نٿو سو،
امانتن جو پُڇو ٿي ٿا تا،
ڪلهن تي ڍرڪيل ٿِتا اوهان جا،
ادا جي رُت جا سوين فسانا،
اکين اکين ۾ بُڏل زمانا،
انوکيون آسون، انوکيون يادون،
غضب جا ياڪر، گلاب چُميون،
پيو اسان وٽ رهيو ٿي ڇاهي؟
سٽل ڳلين ۾ اڪيلي چندڊ سان،
اوهان لئه قدمن سفر ڪيو آ،
بهار پنهنجو اندر ڪيو آ،
ذڪر انهيءَ جو شراب جهڙو،
ڦُٽل چپن مان جڏهن ڦُٽي تو،
هينئون هٿن مان هليو وڃي ٿو،
نندون ٻه ڪافر صفا ٿين ٿيون،
تڏهن اوهان جو پرين! تصور،
اچي ڪي دل کي چميون ڏئي ٿو،
ذهن ۽ دل جو متل هِي جهيڙو،
الئه جي ڪاٿي لکي وڃي ٿو،
عبادتن جو اِهوئي ٽاٽو،
جنت ڪان يي وڌ چڱو لڳي ٿو!

نيڻن جي آڏو....!

ڪِٿ خيالن جي ٻيڙي ٽِڪي ئي نٿي،
راتِ گُل جي جوانيءَ جيان ٿي ٽِڙي،
تون ۽ چند هيٺ اکڙين جي سامهون ائين،
توتي معصوميت جي ٿي برڪا ڪِري،
دل ايامن ڪان قيامت مان آهي لنگهي،
توڪان پرتي سرءُ هي ائين آ لڳي،
جڻ ته طوفاني بارش آ رڻ ۾ ملي!
سرد ملڪن جي پنڇين جيان دل اُڏي،

Scanned with CamScanner

تنهنجي جلون جون نينديون ائين ٽيون ٻرن،
جيئن سورج تو لهندي گگن ۾ ٽڙي،
تنهنجي مُرڪن جي ڦولن جي هستي ٻني،
ڪنهن مندر جي مٺان چانڊنيءَ جيئن لڳي،
تنهنجي لفظن جي خوشبو هوا ۾ اُڏي،
منهنجي دردن جي خوشبو هوا ۾ اُڏي،
تنهنجي ڳالهين جي پوتي جڏهن ٿي لُڏي،
ساري خاموشي پَٽ تي ڪري ٿي ٿُٽي،
تنهنجون ٻانهون بدن کي ٽيون ويڙهي وڃن،
دل بهارن جي ڳاڙهي بدن کي ڇُهي،
ساري شڪون جي هستي ڇٽي ٿي وڃي،
ڪير چاٽي حياتي آ ڪيڏي ڏکي،
ڪير چاٽي خوشي هي آ ڪيڏي ڏکي،
بس پرين! تنهنجي ٻانهن ۾ ائين تو لڳي،
هي حياتي گلابن جو ٻُوٽو بہ آ،
هي حياتي اُني جو ڪو جُهوٽو بہ آ!
هو گناهن جا سارا تصور ڇسا،
هي صدائن جا لمحا پٿر جيئن لسا،
تنهنجي نيڻن جي آڏو ٻنهہ هيچ ٿيا،
هونئن منظر مجان تو وڏي ڳالهہ ٿيا،
توڏي گهوري لڳي تو ٻنهہ نيچ ٿيا،
تون جي مُرڪين خدائي ڪِلي ٿي پئي،
تنهنجي وارن کي چنڊ جا هي سجدا ڏسي،
منهنجي خوابن کي ساڀيا مِلي ٿي پئي!!

❖

چاهت جي پوئين ڪهاڻي!

ڪٿي پاڻ آهيون، پتو ئي نہ آهي!
ڪٿي هاڻ آهيون، پتو ئي نہ آهي!
گذاريل گهڙين جون پراڻيون صدائون،
وڏو پنڌ جهاڳي پري ڪان اچن ٿيون،
وفا جي شهر جون هوائون سڏن ٿيون،
ڇُلي ذهن ۾ تنهنجي يادن جو ساگر،
تصور ۾ ڪيئي ادائون ٿِرن ٿيون.
اها رات برڪا جي مهڪار جهڙي،
اُداسيءَ ۾ اڪثر خنجر جيئن ڪُپي ٿي،
اُهي پهر سارا تڪيندي مري ويا،
چپن ۾ جي سگريٽ وانگي ٻَري ويا،
اُها رات چاهت جي پوئين ڪهاڻي،

Scanned with CamScanner

اکين ۾ اکين جي لهڻ جو فسانو،
نہ جنهن کي تو سمجهي سگهي ها زمانو،
اهو پهر پويون عجب جي نشاني!
وجڻ وقت پنهنجا ڪليا وار ٻَڌندي،
اسان کي انهن ۾ تون ويڙهي ڪٽي وئينءَ،
ڪٿي هاڻ آهيون پتو ئي نہ آهي!
ايامن جي گردش بهارون ڪٽي وئي،
نگاهن ۾ ڏسندي ئي صديون ڇٽي ويون!
ڪٿي تنهنجو چهرو نظر ڪونہ آيو!
رڳو زرد تنهائي دل جي پلئہ پئي!
فڪر جي صليبن تي لٽڪي پياسين،
غمن جي مٽيءَ ۾ دفن ٿِي وياسين،
ملي بس تہ خالي ملي انتظاري،
رڳو هاڻ آدين جي بنجر بدن تي،
صدائن جيان ياد مُرڪي اچي ٿِي،
ڪليل مست ڪاڪُل اکين ۾ قرن تا،
ڇپن جون ڇتائون هِينئين ۾ کُپن ٿيون،
شرابي نگاهون بدن ۾ چُبن ٿيون،
اُهي چند گهڙيون ڪا خوشبو اچي ٿي،
اُها مهڪ جنهن پل پري ٿي وڃي ٿِي،
حياتي هنگامن ڏي ڌڪجي وڃي ٿي!
انڌيري ۾ دل کان جڏهن هي پُڇون ٿا،
ڪٿي هاڻ آهيون؟ چوي ٿو انڌيرو،
پتو ئي نہ آهي، پتو ئي نہ آهي!!

صليبن جي سامهون!

جڏهن ڪنهن حُسن جي ادا تا ٿلهوريون،
يا ڪنهن جي چُميءَ جي وفا ڪي تا اوريون،
اُهي چند لمحا لڳن تا حياتي،
رڳو هونئن آهي سڄو وقت ڪاتي،
سڄي سوچ اڪثر ٿي بنجر وڃي ٿي،
غضب جي اداسي ٿي خنجر وڃي ٿي،
اُتي زندگيءَ جي تا معنيٰ ڪي ڳوليون،
جتي لفظ ممنوع بڻجي وڃن تا،
ٿلاريل گلابي جوانين جا تحفا،
رڳو سرد لاشا ئي بڻجي ڪڄن تا،
سيئي ورق قاتل دلين جا رسالا،

وجودن جي ڪبٽن ۾ چرڪيل رهن ٿا،
اُجي هر محبت صليبن جي سامهون،
اشارن تي پهرا چميل ئي رهن ٿا،
اُتي ڪنهن خوشيءَ جي ٿا رچنا ڪي ڳوليون!
جتي روپ راهن ۾ پٽڪي ٻَرن ٿا،
سڄي سرد نگري صدائون اُٿي تي،
جتي ڪابہ موسم نہ پنهنجي لڳي تي،
هي تارن جي رمجهم نہ پنهنجي لڳي تي!
رڳو خون ڳاڙهو اکين ۾ رُلي تو،
جتي هر محبت چَٽيون ئي پري تي،
اکيون وحشتن جي قلعن کي لتاڙن،
سوين چُوڙيون ٽيون ڪيڏارا سٽُائن،
الا! زرد ويڙهن ۾ جاڳيل غريبيون،
جنين جا بہ سيبا اُديڙيا وڃن ٿا،
حوس جي غلاظت جي ڪارن هٿن ۾،
سوين جسم پُورا اکيڙيا وڃن ٿا،
پٽائيءَ جي ويڙهن ۾ وايون رُئن ٽيون.
فريبن جي رڻ ۾ حياتيون مَرن ٽيون.
نہ جنهن جي ڪفن کي ڪو گُل ئي ملي تو!
نہ جنهن لاءِ خوشبو ڪو سُڏڪو پري تي،
رڳو رات ڪاري اکين ۾ ٺري تي،
اُتي زندگيءَ جي ٿا برڪا ڪي ڳوليون!
اُتي زندگيءَ جي ٿا معنيٰ ڪي ڳوليون!

soorhisindhiadab

Scanned with CamScanner

خون آدم جو...!

سدائين چشم پوشيءَ جي،
جنين پي ريت تاڻي آ،
اُنهن لئہ خون ماڻهوءَ جو،
گٽر جو جڻ تہ پاڻي آ،
صدين جي روح ۾ چاهي،
گهڙين جي ڪوهہ ۾ چاهي،
اُهو ڪجهہ هِي نتا چاڻن!
اندين جي پنيان اڪثر،
سويرو ئي اُپرندو آ،
اجايو خاڪ تا چاڻن!
انهن کي ڪو پتو ناهي،
مٽي هيءَ ماءُ ٿيندي آ،
جبر لئہ تاءُ ٿيندي آ،
دُکي هڪ دانهن ٿيندي آ،
لهوءَ مان جا اُپرندي آ!
اُها وحشت کي ساڙي ٿي،
اونداهيءَ کي بہ ڦاڙي ٿي،
قهر جي روح ڪاري ۾،
سدا سنگين ڪوڙي ٿي،
اُها ئي سُچ تاري ٿي،
اُهائي ڪوڙ بُوڙي ٿي!!

جي زبانون ماٺ کي چوڙي وجهن!

روز راهن ۾ اُداسي ٿا ڏسون،
ڪوڙ اذيت جا ڪليل آهن ڪتاب!
بي سُري موسم مٿان آهي اُيي،
بي مهل سڙندا وتن ٻاڙها گُلاب!

هي سچو ئي دؤر آهي بي پرم،
سچ کي زنجير پاتا ٿا وڃن.
سونهن جي خيمن مٿان پهرا هئي،
غيرتن جا گيت ڳاتا ٿا وڃن!

sooriisindhiadab

Scanned with CamScanner

سوچ کي ٻيوهه ڪرڻ جون سازشون،
اڄ ٻه آهن ديس جو ڪو الميو!
ڪوڙ خوابن جون اڃا ڦاٽل رِليون،
درد جي هن روپ جو آهن پتو!

زندگيءَ جي واٽ تي مقتل اڃا،
چنڊ کي گاريون ملن ٿيون بي رحم!
ڪاٻه ساڃهه جي رهي ناهي گهٽي،
سچ کي پُوندا هٽڻ تا بي شرم!

نيڻ پنهنجا جئن نه ڪو جانچي سگهي،
تنهن ڪري ممنوع آهن آرسيون،
ڪين سچ ڏي ڪا اُپي آڱر ٿئي،
تنهن ڪري زخمي ڪيل هِن آڱريون!

هن وڃايل راهه ۾ پنهنجون سيئي،
جي زبانون ماٺ کي چوڙي سگهن!
پوءِ پڪو ويساهه آهي دوستو!
صُبح پنهنجا سڀ ڪنوارا ٿي پون.

قيدي مهاڻي جي ونيءَ جو ورلاپ

soorihsindhiadab

پتين جي قيد جا راهي، الاءِ تون ڪڏهن ايندين؟
لڳي ٿي هر گهڙي ڦاهي، الاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

ڏکڻ جي واءُ ۾ تولئہ، ڳنڍيا مون وار ها ڍوليا!
سِتارن نيڻ پٿي کوليا، عجب اسرار ها ڍوليا!
دريءَ ۾ ديپ آتو هو، نشو ڪيڏو هو رستن ۾!
سنجهي ۾ سار هئي تُنهنجي، اُجايل پار ها ڍوليا!
هليو وئين تون اِئين هيڪل، ڪنئي غم ڪونہ پو ساهي!
پتين جي قيد جا راهي، الاءِ تون ڪڏهين ايندين؟

Scanned with CamScanner

نمَّاڻي هاڻ ڪينجهر جو، سمورو ناز ميرو آ!
نٿي ۾ بي نيازي آ، گهٽين ۾ ڇڻ انڌيرو آ!
ٻگهن ۾ ماٺ آ سانول، نہ آڙي ٿِي ٻُڏائي ڪا!
نهاريا مون ڪپر آهن، ڪٿي تنهنجو نہ پيرو آ!
پوي ٿو هانءُ پيرن ۾، لڳي ٿو وقت آ ڪاهي!
پتين جي قيد جا راهي؛ آلاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

پڇي پيا، سي ڪڱڻ ساوا، وڏا ها تو جي ٻانهُن ۾!
رُلن ٿيون حسرتون پاڳل، اثر ناهي ڪو دانهُن ۾!
ٻَري آ ڪونہ چُلهہ پنهنجي اڄان ٻيڙي آ ٽاٽي ۾!
رڳو هِي سوڳ ٿو ساڙي، ڏُکن تا درد راهُن ۾!
وچوڙيل هيڪلي دل جو ڪٿي آڄ ڪو، نہ آ واهي!
پتين جي قيد جا راهي، آلاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

پرين، اِن قيد ۾ تنهنجون ڪٽن ٿيون ڪيئن الئہ راتيون؟
ٻرن تا انگ هي منهنجا، رڙن ٿيون روح جون لاٽيون!
سڪين ۾ ٿهڪڙا آهن، پڪين ڪي ڇا چوان آئون؟
نياپو مون اُماڻيو آ، نهارج چنڊ جون جهاتيون!
رڳو هِن يادگيريون بس اندر جون هاڻ همراهي!
پتين جي قيد جا راهي، الاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

❖

---

* جون 2003 ۾ ڪينجهر ڍنڍ ۾ هڪ ٻيڙي حادثي جو شڪار ٿي، نتيجي ۾ 26 مسافر موت جو شڪار ٿيا، اهي ڪراچي مان، سير لئہ آيا هئا. هن اوچتي حادثي جو ڏوهہ غريب مهاڻي، ابراهيم تي مڙهي ڪيس قيد ڪيو ويو!

گٽر رابيل ويو ڪائي

ٽري جي ٻاٽلي ڏوڪي،
ڪنگھي تو ماٺ ۾ پوڙھو!
نھاري پَر گتيون توکي،
ڇڏن ٽيون ساھ کي روکي!

”ھِنن مان ٽون صفا ناھين!“
ستارو ڪوئي سوچي تو
رھي ٽي وچ ڪا تو ۾
پَڙي سان آرسي آھين!

شرابي رات خيمن جي،
مُنجھائي ماٺ ٽي توکي،
آ تو ۾ روح بارش جو
پَري خانہ بدوشن جي!

soonhsindhi.com
Scanned with CamScanner

ڪُنواري آتما تُنهنجي،
پَپڻ تي ماڪ جهڙي آ،
موهي ٿِي هر مسافر کي،
ڪلڻ جي ارپنا تُنهنجي!

اُرهَہ سان تو مُنجهايا هِن،
جُهڙالي جا گلابي ڳَل،
ڦٽين کي آ ڇڏيو قاڙي،
تنهنجي ٿهڪن جي هِن پايَل!

اکين جي جاڳ تُنهنجيءَ ۾،
رڳو ٽيون سانوٽيون ڦٽڪن!
صدين جا پير ٽَڙڪن ٿا،
ڇَپن جي آڳ تُنهنجي ۾!

تون ناول ڪينَ ڪو ٿيندئينءَ،
اِهو بس سنڌ چاٽي ٿي،
قبيلي جي رواجن ۾،
تون خيمي ۾ ڇٽي ويندينءَ!

تڏهن ڪا رات سوچيندي!
گلابي باک وئي ڪاڏي،
ڳٽر رابيل ويو ڪائي،
ڪڏهن برسات سوچيندي!

❖

Cell No:
0344 - 3919786
Sahib Khan "Soorih" Mirani

Scanned with CamScanner

پنجکڑا

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

يدمن: صاحب خان ”سوره“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

متان چنڊ توکي وجهي اک ڀڃي،
پرين! درد جهڙي مٿان رات آ،
گلن جي ڪنڊن تي اجا ڪات آ،
وڃي تون ڪندين ڇا هوا ۾ وڃي!
متان چنڊ توکي وجهي اک ڀڃي!

❖

سڄي شهر جي آ جهڙالي هوا،
پرين! وهم موسم وڌائي ڇڏيا!
الئه زلف تو ڇو لڪائي ڇڏيا؟
سفر منجهه آهي سوالي هوا،
سڄي شهر جي آ جهڙالي هوا!

❖

روز وڇولو ڇڻ تہ رڙي تو،
تنهنجي خوشبو ٿهر ڪري ٿي ،
پورالا سپ پهر ڪري ٿي،
من من ۾ ويچار سڙي ٿو،
روز وڇولو ڇڻ تہ رڙي تو!

❖

اِها چاندني ڇڻ چُمين جو وطن،
اِها رات منهنجي چري دل لڳي،
اِها هير منهنجي سڪي جي سڳي،
اِهو چنڊ منهنجي پرين جو بدن،
اِها چاندني ڇڻ چُمين جو وطن!

❖

Scanned with CamScanner

اسان اڄ بہ ساڳيا ڇٽيل پن وانگي،
پرين،تنهنجون نظرون تتي ٽاڪ جهڙيون،
اسان پوءِ بہ سمجهيون ٿڌيءَ ماڪ جهڙيون،
سيئي تنهنجا وعدا سچي بن وانگي،
اسان اڄ بہ ساڳيا ڇٽيل پن وانگي!

❖

سيارو بہ جڻ ڪو سنيهو هجي،
ٿڌي رات جڻ ڪا ڪُنواري چُمي،
هوا ريشمي جڻ پرينءَ جي چُني،
نرم ڏينهن ڦلڙيءَ جو چمڪولڳي،
سيارو بہ جڻ ڪو سنيهو هجي!

❖

رُت جا نيڻ اُگهاڙا آهن،
پنهنجو پاڻ سنڀالي هل!
او سرهاڻ! سنڀالي هل!
پاپين جا ڪئين پاڙا آهن،
رُت جا نيڻ اگهاڙا آهن!

❖

وري دلربا جي ڳلي ياد آئي،
امبر ۾ اجايل ستارا ڏسي،
سِتارن ۾ سُرندڙ اَشارا ڏسي،
ڇري آرزوءَ جي ڪَلي ياد آئي،
وري دلربا جي ڳلي ياد آئي!

❖

soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner

ڪجھ تہ چئہ تون سنڌ جھڙي ڇوڪرِي!
ڪير تنھنجي روح ۾ آھي لَٿو؟
ڪھڙي ڇاتيءَ تي رکيو آ تو مَٿو؟
ڇانوَ ٽيندي ٽي وڃين تون، پوپري،
ڪجھ تہ چئہ تون سنڌ جھڙي ڇوڪرِي!

❖

تو ڇو ڪارو ويس ڪيو آ؟
ھيل گھڙن تي ڪرندڙ رمجھم!
ھاءِ ھٺيلي مومل موسم،
ڇا ڇا توکي نيٺ ڇيو آ!
تو ڇو ڪارو ويس ڪيو آ؟

❖

سنڌ جو ساڳيو رنگ بہ ناھي!
سڌڪا ڇيرون روز ڇندبن ٽيون،
پاٽي لئہ ھوءَ پنڌ وڃن ٽيون،
موسم وٽ سارنگ بہ ناھي!
سنڌ جو ساڳيو رنگ بہ ناھي!

❖

ھئہ! گج واريءَ جو ھُو تَن،
برساتين ۾ ياد اچي ٿو،
من ۾ ڪوئي مورُ نچي ٿو،
ڀنڪي ٿو ھي پاڳل مَن!
ھئہ! گج واريءَ جو ھو تَن!

❖

هئہ! گج واريءَ جي پايل،
ڏرتيءَ جا اسرار اُنهيءَ ۾،
نهڪر ۽ هاڪار اُنهيءَ ۾،
هانوَ ڪري ٿي سڀ گھايَل!
هئہ! گج واري جي پايل!

❖

هينئين تان هُن جا حجاب ڳذرن،
وجود ۾ ٿو سمونڊ اُٿلي،
عجب تي مرڪيو سوال اُڇلي،
ٿا چپن مان جواب ڳُذرن!
هينئين تان هُن جا حجاب ڳُذرن!

❖

خنجر جي ڌار تي هلي،
چُمون ٿا چنڊ جو بَدن،
ڇُهون ٿا پيار جو وطن،
پرينءَ جي پار تي هلي،
خنجر جي ڌار تي هلي!

❖

اجا ڪوئي جاڳي پيو ٿو گھِٽي ۾،
الئہ جي تہ ڪھڙو اهو روڳ آ؟
لڳي پيو ٿو دردن سان سنجوڳ آ،
ڦُٽن زخمَ ئي ٿا چانڊوڪيءَ ڇِٽي ۾!
اجا ڪوئي جاڳي پيو ٿو گھِٽي ۾!

❖

soorthsindhiadab

Scanned with CamScanner

هوءَ ڪنوارپ جي نشي ۾ آ ٻڏل،
ڪير سمجھائيس، ٿورو جھل اڪيون!
بيخياليءَ ۾ پُسيل آهن گھٽيون،
ننڊ ساري شهر ڪان آهي رُٺل،
هوءَ ڪنوارپ جي نشي ۾ آ ٻڏل!

❖

مليا زخم جيڪي هُئا ڪون ٿورا،
پکين جي ڪي پيرن ۾ ڌاڳن جيان ها،
اکين جا سفر سڀ اوجاڳن جيان ها،
سِوا ڏينهن تنهنجي سِتم ها نِسورا،
مليا زخم جيڪي هئا ڪون ٿورا!

❖

ڦِڪي شامَ پنهنجي، صُبح زردَ پنهنجا!
اکين جي رَٽن ۾ سُتيون هيڪلايون،
ٻڌائڻ جون ڳالهيون نہ ڪنهن کي ٻُڌايون
وڇوڙن ۾ ويڙهيل هئا درد پنهنجا!
ڦِڪي شام پنهنجي، صُبح زردَ پنهنجا!

❖

ڪير پيو ها پري هِي ڳُڪون وقت جون؟
پاڻ هاسين پرين جن جلايا بدن،
ڪوڙ ڳوڙها ڏئي پوءِ بہ اربيا وچن،
پاڻ لاهي چڏيون سڀ ٻُڪون وقت جون،
ڪير پيو ها پري هِي ڳُڪون وقت جون!

❖

لُڙڪ ٻڌجي اکين مان هُوءَ ويندي هلي،
ڳوٺ آهي سڏيو هُن کي وڃڻو بہ آ.
خواب پنهنجين اکين جو تہ پيڇڻو بہ آ.
دل کي سُڌ آ نہ پيهر هُو ايندي هلي،
لڙڪ ٻڌجي اکين مان هُو ويندي هلي!

❖

ڳالهہ آيل، چپن تي مون روڪي ڇڏي،
هُن جي نيڻن ۾ جيئڻ کو نہ آگم ٿِئي،
هُن جي خوشبو نہ جيئڻ کو بہ ماتم ٿِئي،
هانوَ اُڏمن جي ڪاراڻ ڏوڪي ڇڏي،
ڳالهہ آيل، چپن تي مون روڪي ڇڏي!

❖

ٿڪ ناهي پيگو اسان ويهي،
عشق، گُل بار بار ٿيو آهي،
وجد ۾ وار وار ٿيو آهي،
حُسن آهي ڏٺو اکين ڏيهي،
ٿڪ ناهي پيگو اسان ويهي!

❖

هوا سان نياپو اُماٽيو تو آهي،
هجي خير تنهنجي حجابي چپن جو،
وچين سينڌُ تنهنجي وطن آهي من جو،
اسان جي جياپي کي تاٽيو تو آهي،
هوا سان نياپو اُماٽيو تو آهي!

❖

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

سُهائي جهُنڊ ۾ رهي نہ سگهندي،
جواڻ جوڀن ضرور وڃندو
سگهي نہ وڃندي غُرور وڃندو
سچائي گُنڊ ۾ لِڪي نہ رهندي،
سُهائي جهُنڊ ۾ رهي نہ سگهندي!

❖

ڪڏهن پيو آ لاش پُراڻو
دل جا ڪِٽندي پير مُٺي آ،
جڳ جا جاٽي ڪير مُئي آ،
گهوري پيو آڪاش پُراڻو
ڪڏهن پيو آ لاش پُراڻو!

❖

مِٽيءَ تي ڪا دانهن پئي آ،
شخص پُڇن ٿا ڇاهي يارو؟
ڪابہ سڃاڻپ ناهي يارو
لاوارث ڪا ٻانهن پئي آ،
مٽيءَ تي ڪا دانهن پئي آ!

❖

ٿاڪور ڪريون ڇو زخمن جي،
هِي ڳاڙها ڄڻ تہ گلاب آهن،
هِي آزاديءَ جا خواب آهن،
توهِين ڪريون ڇو صدمن ڄڃي،
ٿاڪور ڪريون ڇو زخمن جي!

❖

Scanned with CamScanner

ٻُلي شاهہ! عشق ماٺهو جو
عجب ئي راز ڪو آهي،
غضب جو ناز ڪو آهي،
اُنهيءَ کي ڄاڻي تو ڪو ڪو
ٻُلي شاهہ! عشق ماٺهو جو.

❖

ٻُڌين تو ڳالهہ ٻي ناهي،
اچي تو عشق آڳم ٽِي،
وڃي تو روح ڇم ڇم ٽي،
لڳي تو زندگي آهي،
ٻُڌين تو ڳالهہ ٻي ناهي!

❖

اسان جا درد ڪولي ڏِسُ،
رنڍين وارا نہ ڪوٺا هِن،
ڪلر وارا نہ پوٺا هِن،
نگاهون پنهنجون رولي ڏس،
اسان جا درد ڪولي ڏس!

❖

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

ايوب کوسي کي پندرهن کن ورهيہ اڳ، جهڏي شهر جي هڪ پرشور ۽ پرهجوم هوٽل ۾ ، پهريون دفعو مون، ريڊيو تي محض هڪ عام "خط - لکاريءَ" جي حيثيت ۾ جاتو.

ڇهري تي ڦوهہ جواني جي فخر مندي، آڱرين ۾ گولڊ ليف جو سگريٽ ۽ وضع قطع ۾ خوش شڪل ۽ خوش لباس. ۽ نهايت جلد، اهو ئي نوجوان ، هڪ جيڏن جي صفن ۾ "نشانبر" شاعر تي نمايان ٿيڻ وارو آهي!؟ اهو مون ان وقت، ڇاتو ئي ڪٿي پئي ! مٿان .... اهو اڃهو تارو... مولوين سان "مهاڏو اٽڪائڻ" ۽ "جيل ياترا" واري مامري، هن جي ڏاهيءَ ڏات کي، ڏهہ ئي اڳريون ڏيئا ڪري، ٻاري ڏيکارڻ جي، جهڙوڪر از غيبي سگهہ عطا ڪري ڇڏي آهي.

۽ ڇا نثر !؟ ۽ ڇا نظم !؟ ... ان دوران ۾ ايوب جيترو پوڄيو ! ان ڪان ٻہ وڌيڪ انهن صنفن ۾ هن سٺو لکي ڏيکاريو آهي.

آئون تہ پائنيان ٿو تہ، هن جي سٺ سٺ ۾ "جلال" ۽ "جمال" جون جيڪي جهلڪيون ۽ حسناڪيون پيون پسجن ،اهي ٻہ انهن ڇورن سان ، قلمي جنگ جوٽڻ واري مامري جي، رد عمل طور ئي ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجن.

ايوب جي هن شعري مجموعي جي هوندي تہ هر صنف " پرين جي لوڏ" ۽ "هوا جي هوڏ" سان مهڪيل آهي. پر خاص طرح سان "نظم جي صنف" ۾ هن وٽ لفظن ۽ تشبيهن جي جيڪا لهر ۽ ترنگ آهي، گيڙوءَ رتن سنگ وارن فقيرن جي نچڻ ۽ شعلن تي پتنگن جي اچڻ جهڙي مستي ۽ سرمستي تہ انهن مان صاف پيئي جهلڪي.

بقول ايوب جي : هن جي ڪويتا : هن جي "اڳهاڙي پير جو سڏڪو آهي" ۽ جي ائين واقعي آهي تہ آئون دعا ٿو گهران، تہ ان اٽڪ پير جي سڏڪي جي پڙلاو سان، اسان جي هن سنڌي ادب جو ايوان ۽ آسمان صرف ، هن جنم تائين نہ، ڪيئي جنمن تائين گونجندو ۽ ان سان پڙاڏجندو رهي: آمين !

4 آڪٽوبر 2003ع

نصير مرزا

Rs: 150/=

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

Cell No:

0344 - 3919786

Sahib Khan "Soorih" Mirani

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

يدمن: صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner